Follow us on: daily pak karachi

ABC CERTIFIED

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني

پاڪ

ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 آچر 16 فيبروري 2025ع بمطابق 17 شعبان المعظم 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 094

قاضي احمد ۽ راڻيپور پرسان قلندر جي پانڌيئڙن سان حادثو، 16 ڄڻا فوت، 35 زخمي

لاهور کان ايندڙ پانڌيئڙن جي بس عرس ۾ شرڪت لاءِ اچي رهي هئي تہ تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي، 10 ڄڻن ٽڏي تي دم ڏئي ڇڏيو، زخمين جي حالت نازڪ، اسپتال منتقل

آمري روڊ تي نوابشاهہ کان سيوهڻ ويندڙ پانڌيئڙن جي تيز رفتار وين گڏهہ گاڏي کي بچائيندي ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، 6 مسافر فوت ۽ 10 ڄڻا سخت زخمي، 8 زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي

اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، فوتين ۾ عورتون ۽ ٻار بہ شامل، مقامي ماڻهن ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي سمورن زخمين ۽ لاشن کي مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيو

ٻنهي حادثن جي فوتين جي سڃاڻپ ٿي وئي، فوتين جو انگ وڌڻ جو خدشو، وڏي وزير پاران حادثن تي ڏک جو اظهار، سمورن زخمين کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جون هدايتون

قاضي احمد / خيرپور/راڻيپور/ هنگورجا (نمائندن وٽان) خيرپور ۾ قومي شاهراهہ تي لاهور کان حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ پانڌيئڙن جي ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب 16 ڄڻا فوت جڏهن تہ 25 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. رپورٽ موجب خيرپور جي تعلقي راڻيپور ۾ قومي شاهراهہ تي حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس ۾ شرڪت جي لاءِ ويندڙ پانڌيئڙن جي ڪوچ تيز /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

راڻيپور: نيشنل هاءِ وي تي پانڌيئڙن سان پيش آيل حادثي ۾ فوتين جا مڙهہ ۽ زخمي پيل آهن، ٻي پاسي ڪوچ مان ماڻهن کي ڪڍيو پيو وڃي، تباهہ ٿيل گاڏي واقعي واري هنڌ بيٺل آهن

وڏي وزير پاران راڻيپور ۽ نوابشاهہ لڳ روڊ حادثن تي ڏک جو اظهار، روڊن کي جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت

وفاقي سرڪار نيشنل هاءِ وي کي وساري ڇڏيو آهي، 8 ورهين ۾ بہ مڪمل ناهي ٿيو: مراد علي شاهہ

سنڌ حڪومت بلاول ڀٽو جي ويزن موجب ڪم ڪري رهي آهي جيڪو اڄ تائين ڪنهن بہ حڪومت نہ ڪيو آهي

عوام کي سستي بجلي فراهم ڪرڻ چاهيون ٿا تہ جيئن هن مان بچندڙ پئسو عوام جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪري سگهجي: سکر ۾ تقريب کي خطاب

سکر(رپورٽ :عمرسومرو/شڪيل عاجز) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ ۾ ٻن ڏينهن ۾ ٿيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

سنڌ سرڪار پاران فٽنس سرٽيفڪيٽ نہ رکندڙ گاڏين خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ موٽر وهيڪل انسپيڪشن نظام جي اثرائتي نفاذ لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جو اجلاس

ٽرانسپورٽ جي شعبي کي جديد بڻائي گاڏين جي حفاظت جي معيار کي يقيني بڻايو وڃي: صوبائي وزير

جعلي فٽنس سرٽيفڪيٽ رکندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري کين جيل موڪليو ويندو: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي،) اسٽاف رپورٽر) :سنڌ سرڪار فزيڪلي ان فٽ گاڏين جي خلاف سخت ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو آهي، سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سڄي سنڌ ۾ موٽر وهيڪل انسپيڪشن سينٽرز قائم ڪرڻ لاءِ ڪم /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

پي ٽي آءِ باني پارٽي کي رمضان بعد تحريڪ هلائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

مخالف ڌر جي پارٽين اڳواڻن سان رابطو ڪري کين اعتماد ۾ ورتو وڃي: پي ٽي آءِ باني

مخالف ڌر سان ملاقاتن جو ٽاسڪ اسد قيصر ۽ عمر ايوب کي ڏنو ويو آهي: فيصل چوڌري

پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني پارٽي اڳواڻن کي رمضان المبارڪ کانپوءِ ڀرپور تحريڪ هلائڻ ۽ مخالف ڌر جي پارٽين سان رابطن/ ڏسو صفحو 3 بقايا 16

اڊيالہ جيل ٻاهران فواد چوڌري ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شعيب شاهين ۾ جهيڙو، فواد چوڌري شعيب شاهين کي چماٽ هڻي ڇڏي

راولپنڊي: (م د) راولپنڊي ۾ اڊيالہ جيل جي گيٽ تي فواد چوڌري ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شعيب شاهين جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو فواد چوڌري ۽ شعيب شاهين وچ ۾ جهيڙو اڊيالا جيل جي گيٽ نمبر پنج تي ٿيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 15



چين جو عروج مثبت اڀيرائي آهي، انهي کان ڊڄڻ جي ضرورت ناهي: آصف زرداري

چين ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت نٿو ڪري، هن جي ترقي گهڻو متاثر ڪيو

چين جي هر شخص پنهنجي شعبي ۾ بهترين ڪم، چين اڳتي هلي اڃان بہ گهڻي ترقي ڪري ويندو

پاڪستان چين سان گڏ آهي ۽ رهندو، لاڳاپا مضبوط ٿي رهيا آهن: چيني سرڪاري ميڊيا کي انٽرويو

اسلام آباد (م د) صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ چين جي ترقي دنيا جي لاءِ مثبت قدم آهي، اسان ڏاهڪن کان چين جي پاڙيسري هجڻ جي ناتي چاهيون ٿا تہ چين ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت نٿو ڪري. /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

جسم تي چرين جا وار ٿيل ۽ مٽڪو بہ ڀڳل آهي، شروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ، ايس پي هيڊ ڪوارٽر جي اڳواڻي ۾ جاچ ڪميٽي قائم

مزاحمتي شاعر آڪاش انصاري باهہ ۾ سڙي فوت، پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ قتل جو انڪشاف

حيدرآباد ۾ هيپي هومز واري علائقي ۾ شاعر اديب ۽ آڪاش انصاري جي گهر کي مبينا شارٽ سرڪٽ سبب باهہ لڳي، پٽ لطيف انصاري ۽ ڊرائيور مبينا ڪيس بچائيندي زخمي ٿي پيا

آڪاش انصاري جو مڙهہ بدين پهچڻ تي شهر ۾ سوڳ، سوين آلين سان سندس وصيت موجب درگاهہ شيخ عمر جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي، سڄاڻ ڌرين پاران واقعي جي جاچ جو مطالبو

بدين / حيدرآباد (نمائندن وٽان) حيدرآباد جي علائقي سٽيزن ڪالوني جي گهر ۾ باهہ لڳڻ سبب /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

حيدرآباد: آڪاش انصاري جي حياتي جي تصوير، مڙهہ پوسٽ مارٽم ٿيڻ کان پوءِ ايمبولنس ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي

آڪاش انصاري 25 ڊسمبر 1956ع تي ڳوٺ ابل وسي ۾ اک کولي

سندس جو اصل نالو الله بخش انصاري هو، هن ابتدائي تعليم بدين ۾ حاصل ڪئي

بدين (ڊ ر). ڊاڪٽر آڪاش انصاري جو اصل نالو الله بخش /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ڊاڪٽر آڪاش انصاري جو پنهنجي ئي هنج ورتل پٽ سان تڪرار هلندڙ هو

سندسن نپايل پٽ ڊاڪٽر جي اي ٽي ايم ذريعي 40 لک ڪڍيا: ليڪ جي دعويٰ

مبينا 40 لک ڪڍڻ خلاف ڊاڪٽر جي نپايل پٽ تي حيدرآباد ۾ ايف آئي آر پڻ داخل آهي

بدين: ذريعن موجب مرحوم ڊاڪٽر آڪاش انصاري جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ڊاڪٽر آڪاش انصاري سوڳوارن ۾ هڪ بيواهہ هڪ نپايل پٽ شاهہ لطيف ۽ نپايل ڌيءَ ميرا ڇڏيا

بدين(ڊ ر) ڊاڪٽر آڪاش انصاري سوڳوارن ۾ هڪ بيواهہ هڪ نپايل پٽ شاهہ لطيف ۽ نپايل ڌيءَ /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

وڏي وزير آڪاش انصاري جي گهر ۾ باهہ ۽ سندس لاڏاڻي جا تفصيل طلب ڪري ورتا

ڊاڪٽر آڪاش انصاري سنڌي ادب جو هڪ روشن ستارو هو، خالي ٿيل خال ڀرجي نہ سگهندو: مراد علي شاهہ

انتظاميا گهر ۾ باهہ لڳڻ جا سبب ۽ آڪاش انصاري جي موت جي ترت جاچ ڪري مڪمل رپورٽ پيش ڪري: وڏو وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ نامياري سنڌي شاعر ڊاڪٽر آڪاش /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

آڪاش انصاري جو وڇوڙو، ادبي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران ڏک جو اظهار

مزاحمت تي اڳواڻ اختر بلوچ، اڳوڻي ايم پي اي غلام قادر پليجو، اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو افسوس جو اظهار ڪيو

عوامي تحريڪ سربراهہ اياز لطيف پليجو، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور ۽ محمد علي خشڪ پاران غم جو اظهار ڪيو

آڪاش انصاري جي وڇڙي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌي ادب يتيم بڻجي ويو آهي، ادب لاءِ ڪيل سندس خدمتن کي سدائين ياد رکيو ويندو: سياسي سماجي اڳواڻ

ڪراچي(نمائندن وٽان) سنڌ جي ناليواري شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي تي سياسي سماجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز چولستان ۾ گرين ڪارپوريٽ منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڪارپوريٽ منصوبي جي تعريف، فوج ملڪ جي ترقي لاءِ حمايت جاري رکندي: عاصم منير

لاهور (م د) پنجاب ۾ هارين کي سموريون زرعي سهولتون هڪ ڇت هيٺيان ڏيڻ وارو منصوبو /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

پاڪستان اسلام جي نالي تي ٺهيو پر هتي نہ اسلام آهي ۽ نہ ئي جمهوريت، حڪمران وقت جا مير صادق ۽ مير جعفر بڻيل آهن: سراج الحق

ڪراچي /ٽنڊومحمد خان(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي پاڪستان جي اڳوڻي امير سراج الحق چيو آهي تہ ملڪ ۾ 78 سالن کان ظلم جو نظام لاڳو آهي، پ پ، (ن)ليگ ۽ پي ٽي آءِ ان ظلم واري نظام جا سهولتڪار بڻيل آهن. /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

نوڪرين لاءِ عمر جي حد ۾ 5 سال واڌ ۽ هٿيارن جي نمائش ڪندڙن خلاف ڪارروائي جو فيصلو

امل عمر ايڪٽ باضابطا طور تي قانون آهي ۽ قانون سيني تي لاڳو ٿيندو آهي: صوبائي وزير

هٿيارن نمائش تي پابندي لاءِ سنڌ ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي آهي، عمل هر صورت ۾ ڪيو ويندو: شرجيل ميمڻ

گورنر سنڌ پاران رد ڪيل بلن کي ٻيهر سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويندو: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي، (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ڪابينا سنڌ اسيمبلي مان منظور ڪيل بلن تي گورنر سنڌ جي اعتراضن کي رد ڪندي سومر واري ڏينهن اهي /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سکر: وڏو وزير، ناصر شاهہ ۽ ٻيا سولر پليٽون تقسيم ڪري رهيا آهن

فاطمہ ڦرڙو ڪيس: جوابدارن جي ضمانت واري درخواست ۽ ٽاهہ جا جمع ڪرايل قسم ناما رد

قتل ڪيس جي ٻڌڻي فورٿ ايڊيشنل سيشن جج ثمينہ منگي جي عدالت ۾ ٿي، ٻنهي ڌرين جا وڪيل پيش

عدالت پاران سڀاڻي چئني جوابدارن ۽ ٻنهي ڌرين جي وڪيلن کي هر صورت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم

فاطمہ ڦرڙو قتل ڪيس ٽاهہ جوڳو ناهي تنهنڪري ضمانت جي درخواست رد ڪجي ٿي: جج جا رمارڪس

خيرپور (ڊ) راڻيپور جي پيراڻي حويليءَ ۾ مبينا تشدد بعد /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

اميد آهي تہ عدالت فاطمہ سان انصاف ڪندي: شبانہ ڦرڙو

ميڙن کي مان ڏيندي عدالت ۾ ضمانت ڏيڻ لاءِ قسم ناموجمع ڪرايو

جوابدار ضمانت تي آزاد ٿيندا تہ ساڻن راڄوڻي فيصلو ڪيو ويندو

خانواهڻ (رپورٽ وقار لوچي) راڻيپور جي پيراڻي حويلي ۾ ڏيڍ سال اڳ بدترين جسماني تشدد کان پوءِ بيدرديءَ سان قتل ڪيل خانواهڻ لڳ /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ڏاڏي، والد ۽ چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٻيهرين مارچ تائين ملتوي

دادو(ڊ ر) ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ڏاڏي، والد ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

فريدآباد لڳ شادي جي ڪاڄ ۾ چانديا وڙهي پيا، نينگر قتل، عورت زخمي

ڳوٺ مٽيون عاليوال ۾ ڪاڄ دوران ڪٺن تي مهمان ويهارڻ دوران جهيڙو ٿيو

فائرنگ ۾ نينگر مالڪ مارجي ويو، سندس امڙ زينب زخمي ٿي پئي

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) فريدآباد ٿاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

سرحد پوليس جي ڪارروائي، ڌاڙيلن جا بہ سهولتڪار گرفتار

پوليس ڳوٺ خاوند بخش چاچڙ لڳ ميهار ۽ اعجاز چاچڙ کي پڪڙيو

گرفتار ٿيل جوابدار مورو شهر جو علاج ڪرائڻ ۽ ٻين ڌوهارين کي پناهہ ڏيڻ ۾ ملوث آهن: ايس ايچ او

گهوٽڪي (رپورٽ حاجي محمد مهر) سرحد پوليس جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

پٽ شاهہ ٿاڻي جي لاڪپ مان ڌوهاري فرار

پوليس فرار ٿيل عبيدالله مرهڻو جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

ڌوهاري کي جلد گرفتار ڪري ٻيهر لاڪپ حوالي ڪيو ويندو: ايس ايچ او

پٽ شاهہ(ن پ) پٽ شاهہ ٿاڻي جي لاڪپ ۾ ڪيس ۾ نامزد /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

نوشهروفيروز جي سبزي منڊي ۾ نوجوان قتل، جوابدار گرفتار

حد جي پوليس جڊيشل ڪامپليڪس پرسان قاتل عبدالقيوم پٽي کي پڪڙيو

قاتل جو بيان آهي وقار علي جو پيءُ سلطان مشوري جيل ۾ والد تي تشدد ڪندو هو: پوليس

مڙهہ ضروري ڪارروائي کان پوءِ وارثن حوالي، واقعي جي شفاف نموني سان جاچ ڪيون پيا

نوشهرو فيروز(ڊر) نوشهرو فيروز شهر جي سبزي منڊيءَ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

نوشهروفيروز: سبزي منڊي ۾ قتل ٿيل نوجوان جو مڙهہ اسپتال ۾ پيل آهي

ٿر جي جونگل مان لاپتا ٿيل پيرسن جو پتو نہ پيو

بابا کي گم ٿئي ست ڏهاڙا ٿي ويا آهن، ڳولا باوجود پتو ناهي پيو: علي حسن ٻرڙو

حد جي ٿاڻي تي اين سي بہ داخل ڪرائي آهي، پر ڪو بہ ڪڙ ٿيل ناهي نڪتو

ڪراچي اوير(رپورٽر) ٿر تعلقي جي جونگل واسي 65 سالن جو غلام حيدر ٻرڙو گذريل ستن ڏينهن کان لاپتا ٿي ويو آهي سندس موبائيل فون /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

مصطفيٰ عامر قتل ڪيس: شيراز بخاري 21 فيبروري تائين جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

دهشتگردي توڙ عدالت ۾ مصطفيٰ عامر جي اغوا ۽ قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

شريڪ جوابدار شيراز بخاري کي پوليس اي ٽي سي انتظامي جج واري عدالت آڏو پيش ڪيو

عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جي جاچ آفيسر کان اڳڀرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي توڙ عدالت ۾ مصطفيٰ عامر جي اغوا ۽ قتل ڪيس شريڪ جوابدار شيراز بخاري کي پوليس اي ٽي سي انتظامي جج واري عدالت آڏو پيش ڪري ڇڏيو عدالت جوابدار کي 21 فيبروري تائين /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

ڪراچي: مصطفيٰ عامر جي حياتي جي تصوير، ٻي پاسي سڙيل ڪار نظر اچي رهي آهي

مهراڻ هاءِ وي تي گاڏين جي چيڪنگ تان ايڪسائيز انسپيڪٽرن ۾ تڪرار

ڊي ايس پي نيوسعيد آباد اٿالن سميت پهتو، 6 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو، آزاد

عملدارن پاران هڪٻئي تي الزام بازي، ٻئي ڄڻا سڀاڻي ڊائريڪٽر ايڪسائيز وٽ طلب

نيوسعيدآباد (رپورٽ: محبوب علي ڪاڪا) مهراڻ هاءِ وي تي گاڏين جي چيڪنگ دوران ايڪسائيز پوليس جي ٻن انسپيڪٽرن وچ ۾ تڪرار اطلاع تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

مختلف پارٽين جا 50 کان مٿي ڪارڪن سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ شامل، وفاداري جو قسم بہ کڻي ورتو

سنڌو ديش جي سياست جي ايم سيد جي دور کان ڇڏي، سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ۾ پهرين صف ۾ آهيون: قادر مگسي

مون کي فخر آهي تہ شاگرد دور کان وٺي فقط عوامي سياست ڪئي آهي، اسان کي ڪو بہ خريد ڪرڻ وارو پيدا نہ ٿيو آهي

سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻو پوندو، عوام سات ڏئي ڪئنال ڪنهن بہ صورت ۾ ٺاهڻ ڪو نہ ڏبا: خطاب

ڪراچي اوير (رپورٽر) ڪراچي سجل ڳوٺ جي پبلڪ لائبريري /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

ڪراچي اوير: ايس ٽي پي سربراهہ قادر مگسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهدادپور لڳ بجلي جي ڪرنٽ ۾ نينگر فوت

ڳوٺ اسماعيل آرائين ۾ بجلي جي ٿنڀي مان علي دوست لنجواڻي کي ڪرنٽ لڳو

نوجوان ٽڏي تي دم ڏنو، مڙهہ ضروري ڪارروائي جي لاءِ سمس منتقل ڪيو ويو

شهدادپور (رپورٽ: رئوف جان باگراڻي) واپڊا حيسڪو /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ريلي ۾ هر فرد شرڪت ڪري سنڌ دشمن منصوبن خلاف آواز اٿاري: ڪميونسٽ پارٽي

پيڪا قانون ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف اڳاڙي تي مشعل بردار ريلي ڪڍڻ جو اعلان

حڪومت ڪاري قانون ۽ انسان دشمن منصوبن کي فوري طور تي رد ڪري: ڪامريڊ اقبال/ حسين فاطمي

ڪراچي (پ ر) ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

سنڌ اندر ڌاڙيل انڊسٽريز کي سرڪاري سطح تي سپورٽ آهي: رياض چانڊيو

جسم چيئرمين لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال پهچي ٽراما سينٽر ۾ ڦر دوران زخمي ٿيل نوجوان رونق آهوجا جي عيادت ڪئي

صوبي ۾ لاقانونيت ۽ غنڊه راڄ جو آهي، هر روز سنڌ جا معصوم شهري ۽ ماڻهو روڊن رستن تي اغوا ٿين ٿا: جسم چيئرمين

شهرن، دڪانن ۽ ڪاروبارن تي ويڙهلن کي ڳولين جو ٻک بڻايو ٿو وڃي: صحافين سان ڳالهيون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو لاڙڪاڻي شهر جي ٽراما سينٽر پهچي ڦر مزاحمت تي زخمي ٿيل هندو نوجوان رونق آهوجا جي عيادت ڪري وارثن ۽ ڊاڪٽرن سان ملاقات ڪري نوجوان جي صحت /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

ميهڙ لڳ پرٽن ۾ هلندڙ تڪرار جي انت لاءِ ميڙ منٿ قافلو

قومپرست اڳواڻ ناياب سرڪش ۽ علي اڪبر شاهہ سياسي سماجي اڳواڻن جو ميڙ وٺي ڌرين وٽ پهتا

ميڙ منٿ قافلي ۾ شامل ماڻهن ڌرين کي پاڻ ۾ ٺاهہ ڪرڻ جي اپيل ڪئي، جنهن تي کين هاڪاري موٽ ملي

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ جي ڪڇي واري علائقي ۾ زرعي زمين جي مالڪي تان پرٽ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هڪ سال کان جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

نٽي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران نوڪريون نہ ملڻ تي احتجاج

غلام الله (رپورٽ پيرل پياسي) نٽي ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن پاران نوڪرين جي حاصلات نوڙي آئي بي اي پاس ويٽنگ لسٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

جسقم آريسر جو پيادل مارچ بلڙي شاهہ ڪريم پهتو، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شاندار آجيان

سنڌ کي ريگستان بڻجڻ نہ ڏينداسين، ڪئنالن وارو فيصلو واپس وٺڻو پوندو: اسلم خيرپوري

سنڌ کي گئس تيل رائلٽي مان حصو ڏيڻ بدران وفاق جي نالي ۾ هڪ صوبي کي ترقي ڏياري وڃي

ڪراچي پهچڻ تي ڪا بہ رڪاوٽ قبول نہ ڪئي ويندي، جدوجهد تان هٿ نہ کنيو ويندو: ميراڪي کي خطاب

ٽنڊو محمد خان/ ميرپوربٺورو (رپورٽ: اويس حيدر شورو /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ميهڙ: پرٽ برادري کي ڪيرڪند ڪرڻ لاءِ منٿ ميڙ قافلو پهتل آهي

غوثپور ۾ بدامني خلاف سياسي سماجي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي ريلي

ڪارڪنن صفيع لاشاري، عبدالجبار اوڳاهي، مختيار احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

ڪشمور ضلعي ۾ امن عوام لاءِ هڪ خواب بڻجي ويو آهي، ٽن ورهين کان ڌانهيون پيا پر ڪڙ تيل ناهي نڪتو: صفيع لاشاري

صدر، وزيراعظم ۽ آرمي چيف نوٽيس وٺي امن بحال ڪرائي پريشاني مان ڇوٽڪارو ڏيارين: عبدالجبار اوڳاهي ۽ ٻيا

غوثپور (حاجي شاهنواز شيخ) غوثپور جيان سڄي ضلعي ۽ مختلف شهرن ۾ وڌندڙ بدامني ۽ غوثپور ۾ هندو واپارين کي ڌوهارين پاران ڀتي لاءِ ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي غوثپور جي اڳواڻ ۽ هندو پنچايت /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

غوثپور: سياسي سماجي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي پاران بدامني جي خاتمي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:021_35655874
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

آچر 16 فيبروري 2025ع بمطابق 17 شعبان المعظم 1446هه



قومي شاهراهه وري رت سان رڱيل..

خيرپور ۾ قومي شاهراهه تي لاهور کان حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ پانڌيئڙن جي ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب 16 ڄڻا فوت جڏهن ته 25 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. رپورٽ موجب خيرپور جي تعلقي راڻيپور ۾ قومي شاهراهه تي حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس ۾ شرڪت جي لاءِ ويندڙ پانڌيئڙن جي ڪوچ تيزرفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي. حادثي ۾ 16 پانڌيئڙا فوت جڏهن ته 25 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. فوت ٿي ويلن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن. حادثي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو ۽ پوليس اختياريون موقعي تي پهتيون. جن لاشن ۽ زخمين کي گمبٽ ۽ راڻيپور اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو. مسافر بس لاهور کان هارون آباد سيوهڻ وڃي رهي هئي ته حادثو پيش آيو. مقامي ماڻهن جو وڏو انگ به حادثي واري هنڌ پهچي ويو جن انتظاميه جي مدد جي ڪوشش ڪئي. حادثي ۾ زخمي ٿيل ويلن ۾ غلام فريد، محمد ياسين، نور محمد، سلمان، فياض پٽي، ظهور احمد، مختيار، شير محمد، الله بخش، بشير، محمد عباس فاروق، رفيق، ناصر، مجيد، بشيران، شهزاد، لطيف مظهر، ديانت شريف، سليمان، يوسف، زرينه سميت عورتون ۽ ٻارا به شامل آهن. ڪيترن ئي زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي هوڏانهن قاضي احمد پرسان آمري روڊ تي نوابشاهه کان سيوهڻ ويندڙ ميلي جي پانڌيئڙن جي تيزرفتار وين گڏهه گاڏي کي بچائيندي ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، حادثي جي نتيجي ۾ 6 مسافر فوت جڏهن ته 10 سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۽ فوتين جا لاش تعلقه اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيا ويا آهن. حادثي جي فوتين ۾ پنجاب واسي عظيم، ظفر شيخ، بابر ۽ 78 موري جي ڳوٺ مولابخش جتوئي جو رهواسي دلدار جتوئي شامل آهن. جڏهن ته زخمين ۾ وقاص، فيض محمد، نويد شاهه، محمد معراج، اسلم ناصر ۽ ٻيا شامل آهن. پوليس موجب حادثو قاضي احمد آمري روڊ تي پيش آيو. پنجاب جي شهر بوريوالا کان زائرين ترين ذريعي نوابشاهه پهتا هئا جتان کان سيوهڻ شريف وڃڻ جي لاءِ وين تي سوار ٿي سيوهڻ شريف حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس ۾ شرڪت جي لاءِ وڃي رهيا هئا. فوت ٿي ويل 6 ڄڻن جي سڃاڻپ عظيم علي، ظفرعلي شيخ، دلدار جتوئي، بابر علي، لطيف علي، مهراج احمد شامل آهن فوت ٿي ويل ۽ زخمين کي تعلقه اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو ويو آهي جتان کان 8 زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ پي ايم يو اسپتال نوابشاهه ريفر ڪيو ويو آهي. قلندر شهباز جي زائرين سان پيش آيل حادثي جي چيما ڪوچ جي ڊرائيور ذوالفقار احمد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوچ فيصل آباد جي آهي ۽ ان ۾ سوار زائرين جو تعلق بوريوالا ۽ آس پاس جي ڳوٺن سان آهي هن ٻڌايو ته هنن رات روهڙي ۾ درگاهه پير صدرالدين شاهه جي مزار تي گذاري ۽ صبح جو سيوهڻ وڃڻ دوران اوچتو سامهون رڪشا اچڻ ڪري ان کي بچائيندي ڪوچ ڪلٽي ٿي. هنگورجا لڳ قومي شاهراهه تي ڪليجي وٽ قلندر شهباز جي زائرين جي ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب فوت ٿيندڙن ۾ هڪ عورت سميت 10 مرد بابت ضلع انتظاميا پاران جاري ڪيل لسٽ موجب 60 سالن جو نذير احمد. 50 سالن وارو عطا محمد. 45 سالن جي راڻي خاتون . 38 سالن جو محمد شاهد. 35 سالن جي فيصل. 28 سالن جي بابرعلي. 45 سالن جي حامد علي. 25 سالن جي اصغر ڪاڪا. 45 سالن جي محمد شهزاد. 50 سالن جي محمد ياسين. 20 سالن جي اصغر علي طور سڃاڻپ ڪئي وئي آهي جن سمورن فوتين جو تعلق پنجاب جي بوريوالا شهر سان آهي. جن جا لاش سندن اباڻي شهر موڪليا ويا .هنگورجا لڳ قلندر شهباز جي زائرين جي ڪوچ حادثي جي نتيجي ۾ هنگورجا . راڻي پور . گمس گمبٽ ۽ خيرپور اسپتال ۾ داخل زخمي ٿيل زائرين بابت انتظاميا پاران جاري ڪيل لسٽ موجب مسمات نذيران بي بي . سلمان شهزاد. امتياز علي. ظفر اقبال. محمد اڪرم . مختيار احمد. محمد نذير . محمد اسلم . احمد بخش . تنوير بي بي . جنت بي بي . محمد رياض. وزيران . بلاول. سجاد علي. افتخار احمد. ريحان علي. عباس علي . محمد بشير. محمد آصف. نذر احمد. عبدالحمد. اڪرم . ظفر. قمر . فرحاد . غفور . رياض . نتاشا . مبارڪ علي . عبدالرئوف. زرينه . وحيده . مجيده . امتياز. اقبال. يوسف سميت ٻيا شامل آهن جن کي مذڪوره اسپتالن ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي جن ۾ ڪجھ زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي انتظاميا موجب جن مان نازڪ حالت وارن زخمين کي ضرورت پوڻ تي ڪراچي سميت ٻين وڏين اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويندو جنهن جا پڻ انتظامات ڪيا ويا آهن .سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه راڻيپور ۾ لعل شهباز قلندر جي زائرين جي ڪوچ جي روڊ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن فوت ٿيل زائرين جي وارثن سان دلي تعزيت ڪندي انتظاميا کي سندن هر ممڪن مدد ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي. وڏي وزير انتظاميا کي هدايت ڪئي ته زخمين جي بهترين علاج کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سمورين ضروري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن لاڳاپيل ادارن کان حادثي جا تفصيل پڻ طلب ڪيا ويا آهن زائرين سان پيش آيل حادثي تي علائقي جي سياسي سماجي شخصيتن سينيٽر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري . ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني جاري ڪيل بيان ۾ گهري ڏک جو اظهار ڪندي فوت ٿيلن جي وارثن سان دلي ڏک ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي

ترڪ صدر پاران ڪامياب پاڪستان جو دورو..

شهزاده انور فاروقي

ترڪي جي صدر رجب طيب اردگان جي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي سرڪاري دوري جي خبر پاڪستان ۾ فخر ۽ توجه جي لهر پکڙجي وئي آهي. پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ مسئلو رڳو ڪنهن حڪومت يا حڪمران سان جڙيل ناهي پر ٻنهي ملڪن جا عوام پيار ۽ ڀائيچاري جي لازوال رشتن ۾ جڙيل آهن. برصغير جي هن خطي جي ماڻهن جو ترڪي جي سرزمين سان تمام پراڻو لاڳاپو آهي، جيڪو وقت گذرڻ ۽ آزمائشن سان وڌيڪ مضبوط ٿيندو پيو وڃي. پاڪستان جي قيام کان پوءِ آر سي ڊي معاهدي جي ذريعي علائقائي تعاون کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ اهم ڪوشش ڪئي وئي، ان کان پوءِ به مسلم امت جي مسئلن جي حوالي سان ٻنهي ملڪن جي موقف ۾ ڪافي هم آهنگي پيدا ٿي. ترڪي ۾ به جمهوريت ۽ عوامي راڄ جي تصور کي ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو بمشڪل ئي عوام جي راڄ قائم ٿي، پر عوام جي راڄ خلاف ڪجھ طبقن ۾ بيچيني جو احساس پيدا ٿيو. جنهن جي حوالي سان هنن هڪ وڏي بغاوت کي جنم ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هتي عوام جي محبت ۽ بي مثال صدر رجب طيب اردگان جي حمايت سامهون آئي. مون ۽ ترڪي جي عوام ايمان ۽ حوصلي سان ٽينڪن ۽ هٿياربند فوجن جو مقابلو ڪيو ۽ ان بغاوت کي ڀرپور انداز ۾ ڪچليو سلطنت جي اها فتح ترڪي ۾ اسلامي نشاة الثاني جي بحاليءَ جي خواهش کي ظاهر ڪري ٿي. ترڪي جي عوام پنهنجي قائد رجب طيب اردگان جي قيادت ۾ هر قسم جي ڏکين حالتن کي بهادريءَ سان منهن ڏنو آهي. دنيا جي وڏين طاقتن سان متوازن معاملا. انهن جي ڪرنسي ليرا جي قدر ۾ گهٽتائي جو مسئلو هجي يا فلسطين ۽ غزه جي مسلمانن تي اسرائيلي ظلم جو مسئلو ترڪن هر مسئلي کي باهمي اتفاق راءِ سان حل ڪيو آهي. ٻئي طرف جيڪڏهن پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جي وزارت عظميٰ واري دور جو جائزو ورتو وڃي ته اهو به معلوم ٿئي ٿو ته سندس دور حڪومت ڪهڙي هئي. هوپڻ سيني قسمن جي مسئلن سان ڀريل هو هڪ معيشت، سياسي عدم استحڪام ۽ سماجي ورهاڱي سان گڏ امن امان جي بگڙيل صورتحال هر محب وطن پاڪستاني کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. رياست کي بنيادي ۽ سنگين چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو. تنهن هوندي به پاڪستان جي وزيراعظم بهادري ۽ حڪمت سان وڙهندي، پنهنجي ٽيم جي حوصلا افزائي ڪئي ۽ وڏي حد تائين قوم جي لڏندڙ ٻيڙيءَ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو . ساڳيءَ ريت سياسي منافقت کي گهٽائڻ لاءِ گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پر اندروني سياست ۾ ذاتي مفادن جي بالادستي سبب مشڪلاتون وڌيڪ آهن. بحران جيڪو عوام جو وڏو مسئلو هو ۽ ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح جيڪا هڪ وقت 40 سيڪڙو جي ويجهو هئي، جڏهن شهباز شريف وزيراعظم جو عهدو سنڀاليو ته هن قوم سان واعدو ڪيو هو ته هڪ سال ۾ ان شرح کي سنگل ڊيجٽ تي آڻينداسين. نيت صاف آهي ۽ منزل آسان آهي، مهانگائي جي شرح 6 مهينن جي مختصر عرصي ۾ سنگل ڊيجيٽ ۾ ۽ گهٽجڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ هاڻ جنوري 2025ع ۾ 2.4 سيڪڙو تي اچي ويو آهي، بجيٽ خسارو پورو ڪرڻ لاءِ آءِ ايم ايف کان نئين معاهدي جي لڳ ڀڳ ڪا به اميد نه هئي، جيڪو وزيراعظم شهباز شريف جي ذاتي ڪوشش سان ئي ممڪن هو ادارتي ۽ سماجي سڌارن ۾ عالمي بئنڪ جي شرڪت به شهباز شريف حڪومت جي هڪ ٻي وڏي ڪاميابي آهي. جنهن موجب ايندڙ سال کان ڏهن سالن جي پروگرام ۾ 20 ارب ڊالر وصول ڪيا ويندا، جيڪي 6 شعبن کي صحيح حالتن ۾ آڻڻ لاءِ خرچ ڪيا ويندا جيڪي ملڪ جي ترقي لاءِ ناگزير آهن. ڪاروباري ماحول کي سازگار بڻائڻ لاءِ بئنڪن جي سود جي شرح تمام گهٽ ڪئي وئي. پاڪستان کي سفارتي محاذ تي اڪيلائي مان ڪڍڻ لاءِ وزيراعظم پنهنجا خصوصي دورا ڪيا، جن نه رڳو عالمي لاڳاپن ۾ سرديءَ کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏني پر ڪجھ ملڪن سان لاڳاپن ۾ اضافي گرمائش به آئي. جنهن ۾ وزيراعظم کي مختلف ٻولين تي عبور حاصل هو.

اطلاعات ۽ نشريات واري وزير عطا تارڙ به ان ڪيس ۾ ججن طور پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن اندروني محاذ تي بدانتظامي جي حدن کي ڇهندي جارحاڻي اپوزيشن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ته ٻئي طرف پرڏيهي طاقتن جي پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت تي حڪومت جو ڀرپور دفاع ڪيو. جيڪڏهن عطاءُ الله تارڙ 26 نومبر جي شام جي ان جاءِ تي موجود نه هجي ها جتي هزارين لاشن جي پروپيگنڊا ٿيڻ واري هئي ته پوءِ يقين رکو مون جهڙو صحافي ميدانن جي مٽيءَ مان لڙڪندڙ هن پروپيگنڊا جي خلاف اچي ها. هوڏانهن عطا تارڙ جي ڊي چوڪ کي ڪليئر ڪرڻ واري هنڌ جو دورو ڪيو جتي ملڪ دشمن قوتن جي جهازن جي جهازن تي سرجيڪل اسٽرائيڪ ڪئي، ملڪي ۽ غير ملڪي سيڙپڪارن جن ۾ هڪ وڏو سيڙپڪار وفد به شامل آهي جيڪو بيلاروس جي صدر جي اڳوائي ۾ پاڪستان آيو. ان سان عالمي سطح تي پاڪستان جي اعتماد ۾ اضافو ٿيو وزير اعظم کان پوءِ ڪيترا به وزير ڳالهائين، عالمي سطح تي ان ڳالهه تي ڌيان ڇڪايو وڃي ٿو ته پاڪستان حڪومت جو ترجمان اطلاعات وارو وفاقي وزير آهي. ان سڄي صورتحال ۾ وزيراعظم شهباز شريف هر عالمي فورم تي فلسطين جي مسئلي تي ڀرپور ۽ موثر انداز ۾ آواز اٿاريو ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسرائيل غزه جي مسلمانن لاءِ سختيون پيدا ڪيون آهن. جڏهن ته عالمي سرديءَ امت مسلمه کي هڪ عجيب و غريب حالت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان ۽ ترڪي جي اعليٰ سطحي اسٽريٽجڪ ڪوآپريشن ڪائونسل جي اجلاس سڄي دنيا جي مسلمانن ۾ اميد جي هڪ ڪرڻ ڏيکاري آهي ته ترڪي جي اعليٰ قيادت جنهن وٽ جديد ۽ مضبوط معيشت آهي ۽ پاڪستان جيڪو اسلامي دنيا جي واحد ائٽمي طاقت آهي، گڏ ٿي ويا آهن. دوري دوران زراعت، لائيو اسٽاڪ ۽ ڪاروبار ۾ تعاون جي منصوبن سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. نه رڳو پاڪستان ۽ ترڪي جي جمهوريه پر سڄي دنيا جا مسلمان ٻنهي ملڪن جي قيادت جي اهڙي هڪ ٿيڻ جي اميد رکن ٿا

آڪاش جو موت اتفاق ناهي!

اعجاز ممنائي

اڄ سنڌ جي انقلابي، رومانوي ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي اڻ منڌائتي موت تي سڄي سنڌ سوڳوار بڻجي وئي آهي. آڪاش ڪنهنجو ڪهڙو قصور ڪيو جو ڪيس بيدرديءَ سان قتل ڪري ڪيس باهه ڏني وئي هو ته قلم جو شيدائي ۽ ڪتاب جو دوست هو هن قوم کي انقلاب جي راهه ڏيکاري هو ته پکين سان به پيار جا ٻول ٻوليندو هو هو انسانيت جي عظمت جو قائل هو پوءِ ڪيس ڪهڙي بي رحم موت جي ننڊ سمهاريو سندس موت پوري قوم جو موت آهي "اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي ته ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاتي" جون سٽون سٽيندڙ مزاحمتي، انقلابي، رومانوي تخليقار سرموڙ شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري ، 25 ڊسمبر 1956 تي بدين جي ڳوٺ ابل وسي جنم ورتو.سندس اصل نالو الله بخش انصاري هو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم بدين مان حاصل ڪئي ۽ 1984ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪئي. ڪاليج جي زماني کان ئي، هو قومي ۽ ترقي پسند شاعر طور مشهور ٿيو ۽ ڪاٻي ڌر جي سياست ۾ سرگرم رهيو جتي عوامي تحريڪ ۾ 15 سال ڊپٽي سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري جنرل طور خدمتون سرانجام ڏنائين.جنرل ضياءَ الحق جي مارشل لا دوران، قومي ۽ انقلابي شاعري ڪرڻ جي ڪري ڪيس جيل به وڃڻو پيو. بعد ۾، 1995ع ۾ هن صحافت ۾ قدم رکيو ۽ روزاني 'سوال' اخبار جاري ڪئي، جتي پاڻ چيف ايڊيٽر ۽ حسن درس ايڊيٽر هئا. 2002ع ۾، ڊاڪٽر آڪاش رورل ڊولپمينٽ ۾ ايم اي ڪئي ۽ 2004ع ۾ ايسٽرن واشنگٽن يونيورسٽي آمريڪا مان جديد تعليمي سرشتن ۾ ڊپلوما حاصل ڪيو.هن بدين جي ساحلي علائقي ۾ تعليم ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ لاءِ 'بدين رورل ڊيولپمينٽ' نالي سماجي تنظيم قائم ڪئي، جنهن ذريعي جديد اسڪولن جو قيام عمل ۾ آيو. سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب 'ڪيئن رهان جلاوطن' ۽ 'اڌورا اڌورا' شايع ٿي چڪا آهن. جن مان چونڊ نظمن جو انگريزي ترجمو 'An Elegy for the Brave Hearts of Tomorrow' جي عنوان سان 2021ع ۾ ڊاڪٽر سحر گل ڪيو آهي ڊاڪٽر آڪاش انصاري کي حيدرآباد جي گهر ۾ تشدد ڪري ماري پوءِ ساڙيو ويو آهي پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽرن موجب سندس ڪُلهي ۽ چيلهه تي ڌڪ جا نشان شرٽ تي گاسليٽ جي ڊپ, بادي ۾ مسلسل رت وهي پيو ريسڪيو موجب آڪاش انصاري جي سٽيزن ڪالوني واري گهر ۾ بجلي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي جنهن سبب آڪاش سڙي خاڪ ٿي ويو جڏهن ته پٽ پيءُ کي بچائيندي زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته سندس پٽ جا پير ۽ هٿ سڙيا آهن جا باهه وسائڻ ۾ پير به سڙندا آهن اهو هڪ سوال آهي ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي گهرواري، پٽ ۽ سندس ڀينرن جي موقف ۾ وڏو تضاد ٿو لڳي صبح کان هن مهل تائين ڊاڪٽر صاحب جي وارثن ۽ ويجهي دوست ڊاڪٽر بچل جو موقف ٻڌو آهي جنهن ۾ سڀ کان منجهائيندڙ موقف سندس گهرواريءَ جو ٿو لڳي. ڀينرون قتل جو خدشو ٿيون ظاهر ڪن گهرواري حادثو قرار ٿي ڏئي، پٽ چوي ٿو واقعو انين نائين وڳي ٿيو آهي جڏهن ته سندس سڀ کان ويجهو دوست ڊاڪٽر بچل چوي ٿو اسان ٻارنهين تائين ساٿس گڏ هئاسين اگر هو ٻارهين تائين گڏ هئا ته نائين وڳي واقعو ڪئين ٿيو؟مطلب واقعو دير سان ٿيو آهي. هڪ ئي وقت اهڙيون ڌار ڌار ڳالهيون جن جو هڪٻئي سان پري پري تعلق ناهي ٿي سگهي ٿو مان غلط هجان پر ايترا متضاد موقف ٻڌي ايترو چئي سگهجي ٿو ته هي گهٽ ۾ گهٽ حادثو ناهي ۽ صرف شارٽ سرڪٽ وارو مان لڳل باهه جو واقعو ته بلڪل به ناهي هي سڌو سنئون قتل آهي ۽ گهٽ پاڳي معاملو ملڪيت جو آهي مان وري به چوان ٿو منهنجي چيل ۽ لکيل هي ڳالهه غلط ٿي سگهي ٿي پر متضاد موقف ٻڌي مونکي اندازو ٿي ويو آهي ته ڊاڪٽر آڪاش جي گهرواري ضرور ڪنهن کي بچائڻ چاهي ٿي الله نه ڪري ائين هجي پر اهو سندس پٽ يا ويجهو عزيز ٿي سگهي ٿو وڌيڪ پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ئي ترديد يا تصديق جو ٺپو ثابت ٿيندي. بهرحال سندس موت تي سڄي سنڌ سوڳوار آهي. سنڌ سرڪار پاران ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي سڙڻ واري واقعي بابت تحقيقاتي ڪاميٽي جوڙي وئي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن نتيجي تي ضرور پهچندي.اسانجو مطالبو آهي ته اڪاش انصاري جو موت ۽ سندس مڙهه سان انصاف ٿيڻ ضروري آهي ڪٿي ته ڪجھ ضرور ٿيو آهي اهو حادثو نٿو ٿي سگهي جيڪڏهن حادثو آهي ته معاملي کي ڇو ۽ ڇا جي لاءِ متضاد بڻايو پيو وڃي خبر ئي نٿي پئي ان ڪري قانوني گهرجون پوريون ڪري تحقيق ڪري نتيجا جلد عوام ۾ آندا وڃن.اي سنڌ جا آڪاش اسان سڀ تنهنجي اڳيان بيوس بڻجي شرمندا آهيون آڪاش انصاري صاحب توهان اسان لاءِ توهان سجاڳي لاءِ آواز بلند ڪيو پر اسان توهان جو قدر نه ڪري سگهياسين.

بقايا ---------- 01

سهيل اختر عباسي ضلع جنرل سيڪريٽري مسرور راڄپر، پير خالد سهروردي، پ پ تعلقه مورو جي صدر دوست علي سولنگي، پ پ ليڊيز ونگ جي ضلع صدر ڊاڪٽر فاطمه شهناز انصاري، حاجي خالد مسعود چنا غضنفر راڄپر ڪامران تگڙ جنرل سيڪريٽري پريس ڪلب نوشهروفيروز علي نواز سولنگي سردار نبي بخش لاڪو، مقبول احمد ڪلهوڙو، سميت وڏي تعداد ۾ عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي.ان موقعي تي اڳواڻ خطاب ڪندي چيو شهيد زنده آهن شهناز انصاري ڪارڪن انيڪ صلاحيتن جي مالڪ هئي هو هيٺئين ليول کان جدوجهد ڪندي اي پي اي تائين پهتي هن کي ڪارڪنن سان پيار هو هن ۾ ليبر هجڻ سان گڏ ورڪر هئي اهڙي نمايا صلاحيت گهٽ انسانن ۾ هوندي آهي پرهن ۾ هئي بهادر عورت هئي اسان کي ان جي ڪيل سياسي پورهئي تي فخر آهي هن جو خال ڪڏهن به نه ڀرجي سگهندو اسان سيني کي گهرجي ته شهيد شهناز جي ڏيکاريل واٽ تي هلئون

بقايا ---------- 02

جي وزيرن کي سنڌ جا نمائندا منهن ٽوڙ جواب ڏين: سسئي پليجو اڳواڻن چيو ته 2050ع کان اڳ ٺٽي توڙي لاڙ واري خطي جي جاگرافيائي بيهڪ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويندي ڇاڪاڻ جو 1991ع جي پاڻي معاهدي تحت ڪوٽڙي کان هيٺ ڊائون اسٽريم ۾ ملو پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري تيزي سان سمنڊ اڳتي وڌي زرخيز زمينون پائي رهيو آهي ۽ صورتحال ايندڙ وقتن ۾ وڌيڪ ڀيانڪ ٿي سگهي ٿي: سسئي پليجو پاڻي جي معاملي سان سلهاڙيل هر قسم جي سازش کي سنڌ برداشت نه ڪندي. سنڌو دريا جي بقاءَ ۽ زرعي معيشيت تي وار خلاف سنڌ جا ماڻهو مزاحمت ڪري رهيا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ حڪمرانن کي سنڌ جي جدوجهد مهانگي پوندي: اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو جون مڪلي تي منعقد ٺٽو تاريخ جي آئيني ۾ سيمينار کي خطاب ۽ پاڪ سان خصوصي ڳالهيون سنڌي ادبي سنگت شاخ مڪلي پاران مڪلي تي ٺٽو تاريخ جي آئيني ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ناليوارن محققن تاريخدانن ليکڪن شاعرن شرڪت ڪري پنهنجا مقالا پيش ٺٽو تاريخ جي آئيني ۾ سيمينار کي سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري نور چاڪراڻي اڳوڻي سيڪريٽري يوسف سنڌي صوفي شاعر صوفي ذوالفقار علي قادري ناليواري اديب ۽ محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهي محمد خان ابڙي رمضان ميمڻ اقبال شاهين حميد مهراڻوي نور سرائي جمشيد جوکيو ۽ ٻين خطاب ڪيو ۽ پنهنجا مقالا پيش ڪيا سيمينار ۾ ناليواري شاعر اقبال شاهين جي شعري مجموعي چشم نم جي پڌرائي پڻ ڪئي وئي ۽ مختلف شاعرن اديبن تاريخدانن صحافين کي مڃتا ايوارڊ پڻ ڏنا ويا

بقايا ---------- 03

ل ميچ کٽڻ جي خوشي ۾ شاندار تقريب منعقد ڪري ڪيڪ ڪاٽيو ويو. جنهن ۾ لاڙڪاڻه ڪنگز ڪرڪيٽ ڪلب جي ڪيپٽن راجا سلمان ميمڻ، اظهار سومرو، عاطف علي انصاري، عتيق الرحمان، ذوالفقار بروهي، اسلم مهر، وسيم جاگيراڻي، عابد ڪوڪر ۽ ٻين رانديگرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي راجا سلمان ميمڻ چيو ته لاڙڪاڻي ۾ هلندڙ پنجين مرحوم غلام محمد سوڍر ٽورنامينٽ ۾ لاڙڪاڻه ڪنگز ڪرڪيٽ ڪلب جي سمورن رانديگرن شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي سيمي فائينل ميچ کٽي آهي، جنهن مان اميد ٿي ڪجي ته انشاءَ الله فائينل ميچ به اسان جو نصيب ٿي ٿيندي. ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد مٺل مهر، شاهد حسين سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا ---------- 04

حسين جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي. هن چيو ته خالد حسين پلهه جيڪو گذريل ٽن ڏينهن کان ڪنڊڙا کان روهڙي ايندي پراسرار طور تي غائب ٿي ويو آهي، هرهنڌ ڳولا ڪئي وئي آهي پر ان جو ڪجھ به پتو نه پيو آهي. احتجاج ڪندڙن چيو ته خالد حسين پلهه گونگو آهي جيڪو ڳالهائي نٿو سگهي جڏهن ته پوليس به ان کي ڳولهڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. وارثن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس ورتو آهي ۽ ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا ---------- 05

پريس ڪانفرنس خبر موجب ٿاڻي اي سيڪشن جي حد تعلقه اسپتال ميهڙ لڳ نوجوان سرفراز ڪوسو ايڊوڪيٽ اظهار ٻلهڙو ايڊوڪيٽ رابيل پٽي معين احمد سومرو محمد رمضان چانڊيو ۽ ٻين ميهڙ ۾ وڌندڙ بدامني چورين ڦرن جي واقعن خلاف شاگردن متاثر نوجوان دوڪاندار سخي موبائيل ڪميونيڪيشن مالڪ نوجوان وڪيل سرفراز ڪوسو پاران ميهڙ پريس ڪلب آڏو احتجاج پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اي سيڪشن ٿاڻي جي حد تعلقه اسپتال سامهون عظيم جاتوري سينٽر ۾ سخي ڪميونيڪيشن نالي سان موبائل ۽ ڪميونيڪيشن جو ڪاروبار ڪندڙ آهيان مونکي ٽارگيٽ ڪري 15ڏينهن پهرين 3 نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري 2لک ماليت جي ڦر ڪئي ۽ وري هڪ دفعو ٻيهر منهنجي دوڪان جا تالا ڀڃي 2لک ماليت جون موبائلون ۽ روڪ رقم چوري ڪري ۽ دوڪان ۾ پيل چيڪ بوڪ ۽ ڪاروباري بل ساڙي ڇڏيا اسان اهڙو اطلاع اي سيڪشن ميهڙ ايس ايڇ او محسن جمالي کي ڏنو جن اچي ڪيپل ٽالا سيمپل بائيو ميٽرڪ وٺن لاءِ پنهنجي تحويل ۾ ورتا پر پوليس هن وقت تائين ڪابه اڳڀرائي نه ڪري سگهي هنن چيو ته ميهڙ شهر ۾ به ايس ايڇ او هڪ ڊي ايس پي ون فائيو هوندي شهري غير محفوظ بڻيل آهن ميهڙ شهر توڙي سڄي تعلقي ۾ امن امان اڻ لڀ بڻيل آ پوليس خاموش تماشائي بڻيل شهرين جو ڦرجڻ لٽجڻ معمول بڻجي چڪو آ جنهن سبب شهرين واپارين شاگردن ۾ بيچيني ۽ ڳڻتي جهڙي ماحول ۾ زندگي گذارڻي ٿي پوي پر پوليس امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام بڻيل آهي.

بقايا ---------- 06

پاران سنڌو درياهه تي 6 نوان ڪئنال اڏي سنڌ کي معاشي طور تي تباهه ڪرڻ جي برابر آهي. سنڌو تي ڏاڍ احساس محرومي کي جنم ڏيندا جنهن سان خطرناڪ بحران پيدا ٿيندو. جيڪڏهن 6 نوان ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جون زمينون غيرآباد ٿي وينديون ۽ ڪراچي سميت وڏن شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن کي پيئڻ لاءِ پاڻي به نه ملندو سمنڊ ۾ پاڻي نه وڃڻ جي ڪري ٺٽي جي ساحلي پٽي کي اڳ ۾ سمنڊ ڳڙڪائي چڪو آهي ۽ ڪئنال ٺهيا ته ٺٽو ۽ سجاول سميت ساحلي پٽي تي موجود سمورا ڳوٺ غرق ٿي ويندا. اهڙن خيالن جو اظهار سگا جي مرڪزي قيادت چيئرمين رفيق احمد جعفري، وائيس چيئرمين خالد حسين چنا، سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي، ڊپٽي سيڪريٽري جنرل بخش علي چانڊيو، سيڪريٽري فنانس نور محمد سيال، احمد حسن پنهور سيڪريٽري اطلاعات چيو ته وفاقي حڪومت سنڌوءَ درياهه تي ڪچي، چشما رائيٽ بئنڪ، ريٽي، گريٽر ٿل، ٿر ۽ چولستان 6 ڪئنال ناهي، سنڌو سنئون سنڌ کي ويران ۽ پڙپانگ ڪرڻ جي برابر آهي، جنهن سان سنڌ مڪمل طور تي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي. هي خطرناڪ مسئلو نه صرف سماجي تباهي جو باعث ٿيندو پر ساڳئي وقت آئيني ڇڪتاڻ جو وڏو ڪارڻ ٿيندو. هيءُ سازشي رٿا مجموعي طور تي پاڪستاني قوم کي تباهي طرف وٺي وڃي رهي آهي. جنهن سان سنڌ ۾ زراعت مڪمل ختم ٿي ويندي ۽ وڏو معاشي ڏيوالو سامهون ايندو. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن هن سازشي رٿا جي نه صرف سخت مخالفت ڪري رهي آهي پر ان سلسلي ۾ جوڳا اُپاءَ وٺڻ جو ارادو رکي ٿي. ان جي حقيقتن کي سامهون آڻڻ لاءِ 22 فيبروري 2025ع تي پهرين مرحلي ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي مظهرالدين ميمڻ ريسورس مرڪز، ڪراچي ۾ سيمينار ڪوٺائي رهي آهي جنهن ۾ ملڪ جا ناميارا دانشور ۽ پاڻيءَ جا ماهر حصو وٺي رهيا آهن ۽ هو پنهنجن خيالن سان 6 ڪئنالن جي ٺهڻ سان سنڌ جي تباهي بابت ٻڌائيندا ٻي مرحلي ۾ جلد آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي آڊيٽوريم ۾ ملڪي سطح جي ماهرن ۽ قانوندانن کي گهرائي ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي.

بقايا ---------- 07

بلاول خاصخيلي سان گڏجي پريس ڪلب خيرپور پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته قمر خاتون جي ڪجھ وقت اڳ خادم خاصخيلي سان شادي ٿي جنهن مان ڪيس 3 ٻار هئا قمرخاتون کي 9 مهينا اڳ سندس مڙس خادم حسين خاصخيلي طلاق ڏني جنهن بعد قمر خاتون نوابشاهه جي عدالت ۾ سجاد خاصخيلي سان نڪاح ڪيو خادم حسين پاران قمرخاتون کي طلاق ڏني وئي جيڪو عدالت ۾ به ثابت ڪيو ۽ عدالت اسان جي حق ۾ فيصلو ڏنو ان جي باوجود جوابدار اسان کي هراسان ڪري رهيا آهن. هنن ٻڌايو ته 3 ڏينهن اڳ جوابدارن خادم، ظفر، نسيم، ڪرم، حنيف، امير، ضمير خاصخيلي ۽ ٻين حملو ڪري اسان جي 2 ماڻهن بلاول ۽ اعجاز کي زخمي ڪري ڇڏيو واقعي جي فرياد داخل ڪرائڻ جي باوجود پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي ناهي ڪئي جنهنڪري جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن ۽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 08

باءِ پاس تي "عوامي ڌرڻو" هنيو ويندو. جماعت اسلامي سنڌ جي ترجمان مجاهد چنا موجب سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جي قيادت ۾ ٿيندڙ "عوامي ڌرڻي" ۾ مختلف سياسي، مذهبي، قومپرست جماعتن جي اڳواڻن، وڪيلن، صحافين، اقليتي برادري ۽ سول سوسائٽي سان تعلق رکندڙ نمائندا وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. ڌرڻي ۾ سنڌ ۾ امن امان جي بحالي ۽ ڌاڙيل راڄ جي خاتمي لاءِ اڳتي جو لائحه عمل پڻ جوڙيو ويندو. هوڏانهن جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ، صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد الله بجاراڻي، شڪارپور ضلعي جي امير عبدالسميع شمس پٽي، امر شهر شڪارپور مولانا صدرالدين مهر ۽ ٻين اڳواڻن سان گڏجي ڪندن باءِ پاس پهچي ڌرڻي واري هنڌ جو معائنو ۽ انتظامن کي حتمي شڪل ڏني.#

بقايا ---------- 09

متعلق اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ۽ پرائمري کي هدايتون ڏيندي چيو ته نون استادن جي ڀرتي جو فائدو وٺندي بند پيل اسڪول کوليا وڃن ته جيئن اسڪولن ۾ انرولمينٽ وڌائي سگهجي هن چيف مانيٽرنگ آفيسر سيد نثار علي شاهه کي هدايتون ڏيندي چيو ته اسڪولن جي مانيٽرنگ سخت ڪئي وڃي استادن جي حاضري جي معاملي ۾ ڪنهن سان به رعايت نه ڪئي وڃي هن چيو ته مسلسل غيرحاضر رهندڙ استادن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ان خط جي ڪاپي ڊي سي آفيس کي پڻ ڏني وڃي ۽ اهڙي رپورٽ هر مهيني ڏني وڃي هن چيو ته اسڪول مينيجمينٽ ڪميٽي ايس ايم سي فنڊ جا پيسا شاگردن جي امانت آهن انهن پيسن کي صحيح استعمال ڪيو وڃي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر آر ايس يو گل صنوبر بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي بدين ۾ 2 هزار 6 سو 54 اسڪول آهن جن مان گذريل مالي سال 24_2023 ۾ 2 هزار 1 سو 16 اسڪولن ۾ ايس ايم سي فنڊ استعمال ڪيو ويو جڏهن ته باقي اسڪول مختلف سببن ڪري ايس ايم سي فنڊ استعمال نه ڪري سگهيا هن چيو ته سڀ کان وڌيڪ شڪايتون سنڌ بينڪ سان لاڳاپيل اڪائونٽ هولڊر جون آهن سنڌ بينڪ پاران غير ضروري آبجيڪشن سبب فنڊ جي استعمال ۾ ڏکيايون پيش اچي رهيون آهن هن چيو ته تعليمي سال 24_2023 ۾ شاگردن جي انرولمينٽ 2لک 49هزار 9 سو 62 هئي جيڪا هلندڙ تعليمي سال 25_2024 ۾ 13 هزار 9 سو 35 جي اضافي سان 2 لک 63 هزار 8 سو 97 آهي چيف مانيٽرنگ آفيسر سيد نثار علي شاهه پڻ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي بدين جي 2 هزار 6 سو 54 اسڪولن ۾ 7 هزار استاد ٻارڙن کي تعليم ڏئي رهيا آهن

بقايا ---------- 10

پٽيون ٻڌي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پوليس خلاف نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اسسٽنٽ مختيارڪار لاڙڪاڻو فهيم الله رند روينيو کاتي جي ملازمن مختيار علي زنگيجو محمد علي ابڙو، خاور حسين پاڳٽ، جاويد احمد پتو ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ڏينهن آئون اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو جي هدايتن تي شهر جي مختلف علائقن اندر گاڏي پيتي سميت عام واهپي جي شين جا اگهه چيڪ ڪرڻ لاءِ نڪتل هيس. جنهن دوران اي ايس پي سٽي عبدالله افضل پنهنجي وردي جو ناجائز فائدو وٺندي ٽشنڪ چوڪ واري علائقي ۾ منهنجي گاڏي کي بيهاري ڪار ۽ منهنجي ڪيسن جي تلاشي ورتي، جنهن تي آئون ڪيس پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو ته مان اسسٽنٽ مختيارڪار لاڙڪاڻو آهيان ۽ اي سي جي هدايتن تي ڊيوٽي تي نڪتل آهيان. پر هن منهنجي هڪ به نه ٻڌي ۽ مونسان غيراخلاقي ٻولي استعمال ڪندي اي سي لاڙڪاڻو سان فون تي ڳالهائڻ کان به صاف انڪار ڪيو هن چيو ته اي ايس پي سٽي جي اهڙي رويي مان اهو ظاهر ٿي رهيو آهي ته هن سي ايس ايس جي امتحان ۾ قانون ۽ اخلاق جو درس ڪون ورتو آهي يا شايد هو نفسياتي مريض آهي، جنهن جي ميڊيڪل ٽيسٽ ڪرائڻ لازمي آهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير، صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي معاملي جو نوٽيس وٺي اي ايس پي سٽي کي هٽايو وڃي، ٻي صورت ۾ ايندڙ 17 ۽ 18 فيبروري تي ضلعي لاڙڪاڻي اندر آفيسن جي تالابندي ڪري قلم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي ۽ 24 فيبروري تي مرڪزي صدر سيد سردار علي شاهه جي قيادت ۾ حيدرآباد باءِ پاس بند ڪري ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا ---------- 11

ڪنڊ ڪڙڇ مان لکن جي تعداد زائرين سيوهڻ پهچي ويا، هر طرف دمادم مست قلندر جون صدائون بلند، سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا سيوهڻ. گورنر سنڌ، محمد ڪامران ٽيسوري ٽن ڏينهن وارين عرس مبارڪ جي تقريبن جو افتتاح ڪندو. حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي حاضر ٿي، گلن جي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جي تقريبن جو افتتاح ڪندا. جڏهن ته وزيراعليٰ سنڌ، سيد مراد علي شاهه عرس مبارڪ جي ٽئين ڏينهن مزار تي چادر چاڙهي ٽن ڏينهن واري تقريبن جو اختتام ڪندو.

بقايا ---------- 12

جيڪو اسپورٽس آفيسر مريم ڪيريو جي نگراني ۾ ٽي ڏينهن تائين ملاکڙا گرائونڊ سيوهڻ ۾ جاري رهندو. عرس مبارڪ دوران ڊائريڪٽر جنرل منور علي مهيسر جي اڳوائي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪلچر سليم سولنگي جي نگراني ۾ سنڌي ثقافتي سرگرميون جهڙوڪ سگهڙن جي ڪچهري، ادبي ڪانفرنس، دستڪاريءَ جي نمائش ۽ ٽي ڏينهن تائين لوڪ موسيقي جا پروگرام منعقد ٿيندا جنهن ملڪ جي نامور فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا.

بقايا ---------- 13

مدد سان عرس مبارڪ جي دوران پانڌيئڙن جي مڪمل ۽ مؤثر سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو ويندو. عرس مبارڪ دوران سي سي ٽي وي ڪيمرناڪ ٿرو ڪيٽس سينٽرل ڪنٽرول روم جي مدد سان سرگرمين کي ريئل ٽائم ۾ مانيٽر ڪيو ويندو. نيوي جا اهلڪار اڙل واهه ۽ دانستر واهه نهرن جي نگراني ڪندا، ته جيئن ڪنهن به قسم جي حادثي کي روڪيو وڃي. ان کان علاوه، سيڪشن 144 لاڳو ڪري انهن نهرن ۾ وهنجڻ ۽ وڏي ٽريفڪ تي پابندي لڳائي وئي آهي. ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو، غضنفر علي قادري عرس مبارڪ جي تيارين جي قيادت ڪندي اعليٰ سطحي گڏجاڻيون ۽ زميني معائنن جو اهتمام ڪيو عرس جي مختلف پهلوئن جهڙوڪ سيڪيورٽي، صحت، صفائي، ۽ ثقافتي سرگرمين جي نگراني لاءِ ان جي قيادت ۾ 30 کان وڌيڪ ڪاميٽيون ٺاهيون ويون آهن. ضلعي انتظاميه مقامي ڪميونٽين ۽ رضاڪارن کي به شامل ڪيو آهي، ته جيئن زائرين جي رهنمائي ۽ گهڻي تعداد کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ملي.

بقايا ---------- 14

۾ اختتامي تقريب دوران مختلف شعبن ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ تي ،شهباز ايوارڊ ورهايا ويندا. اوقاف کاتي طرفان مزار جي اندر زائرين کي وڌ ۾ وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويا آهن. جن جي نگراني چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف، فرخ شهزاد قريشي ڪندو.

بقايا ---------- 15

انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز اسپتال طرفان عرس مبارڪ جي دوران مجموعي طور تي 32 ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪيا ويا آهن. جتي ايمبولينس ۽ ضروري دوائون دستياب هونديون. سيوهن ۾ هيلٿ ايمرجنسي نافذ ڪئي وئي آهي، ۽ طبي عملو ۽ سهولتون 24 ڪلاڪ فراهم ڪيون وينديون. سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز سيوهن جي ڊائريڪٽر، محمد معين الدين صديقي،پانڌيئڙن جي صحت ۽ حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هنگامي قدم کنيا آهن. مرڪز کي هائي الرٽ تي رکيو ويو آهي. اضافي عملو تعينات ڪيو ويو آهي، ۽ هنگامي ردعمل جي ٽيمون اهم هنڌن تي موجود آهن. ضروري دوائون ۽ ايمبولينس هنگامي حالتن کي سنڀالڻ لاءِ تيار آهن.

بقايا ---------- 16

ڪئي وئي آهي. ناجائز قبضن کي هٽايو ويو آهي، ۽ فائر بريگيڊ جي گاڏين جي مرمت ڪري انهن کي فعال ڪيو ويو آهي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي طرفان پانڌيئڙن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سيوهن ۾ موجود 8 آر او پلانٽس کي فعال ڪيو ويو آهي، ۽ انتظاميه جي طرفان سيوهن ۾ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي جون سبيليون به قائم ڪيون وينديون. جتي عقيدت مندن کي منرل واٽر پاڻي جون بوتلون فراهم ڪيون وينديون.

بقايا ---------- 17

آگاٽي جي صدارت ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي شاعر ۽ اديب اوشاق آگاٽي چيو ته ٻوليءَ کي بچائڻو آهي ته ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻي پوندي. شاهه لطيف پنهنجي دور ۾ شاعري جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي بچائي ورتو هو اسان کي هر محاذ تي سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ جي جنگ وڙهڻي پوندي. هن چيو ته اسان کي پنهنجي ٻوليءَ سان ذميواراڻو رويو اختيار ڪرڻو پوندو. اها خوشي جي ڳالهه آهي ته سرڪاري سرپرستي نه هجڻ باوجود به سنڌي ٻولي آرٽيفشل انٽيليجنس جو حصو آهي. هن چيو ته اسان کي ڪنهن به ٻوليءَ سان نفرت نه آهي پر اسان پنهنجي سنڌي ٻوليءَ سان بي انتها محبت ڪريون ٿا. اُن خلاف جيڪا به سازش ٿيندي ان کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. اسان کي اهڙن تعليمي ادارن جو بائيڪاٽ ڪرڻ گهرجي جيڪي سنڌي ٻولي نه ٿا پڙهائن. گڏجاڻيءَ ۾ اعجاز سولنگي ڪهاڻي "الا ائين مَ هوءِ"، دانش ترڪ ڪهاڻي "پيڙوپار"، شيخ فرازي غزل، ڪامل امداد جتوئي "غزل"، سميع ساجد چوستا، فراخ جانوري "نظم" پيش ڪيا. ان کان علاوه حمزعلي سوهو منظور آزاد شيخ، صديق سومرو، خليق ميمڻ، شهمير سومرو، مسڪين عيسيٰ چانڊيو، سميع ميمڻ، سرفراز سومري سنڌي ٻولي جي تاريخ، اهميت ۽ خطرن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ، سنڌي ٻولي کي سرڪاري، خانگي توڙي ديني تعليمي ادارن لازمي پڙهائڻ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪاروائي سنڌي ۾ هلائڻ جي گهر پڻ ڪئي. ٻئي طرف سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي سيڪريٽري ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ۽ سماج سڌارڪ ۽ تعليم دان ڊاڪٽر پرويز پيرزادي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار پڻ ڪيو ويو گڏجاڻيءَ جي ڪاروائي سنگت شاخ لاڙڪاڻي جي سيڪريٽري عيسي ميمڻ هلائي.

بقايا ---------- 18

ڪمشنر خيرپور ارسلان حيدر ڦلپوٽو ۽ خيرپور بار ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر ۽ سپريم ڪورٽ جي وڪيل سيد جعفر شاهه القائم ماڊل اسڪول خيرپور ۾ دور حاضر جي تعليمي تقاضن مطابق جديد سائنسي نمائش جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر ڦلپوٽو چيو ته القائم ماڊل اسڪول خيرپور عملي طور تي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ بهترين ڪوششون ڪري رهيو آهي، جتي عملي تعليم ڏني پئي وڃي جيڪا انهن جي مستقبل ۾ مدد فراهم ڪندي.ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه، زبير علي ابڙو، احمد عباس جعفري، اسڪول جي پرنسپل مهر النساء ابڙو، شاهه زيب پٽي، ثاقب صديقي ۽ ٻيا اهم شخصيات موجود هئا. سائنسي نمائش دوران اسڪول انتظاميه پاران آيل مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. واضح رهي ته القائم ماڊل اسڪول جي ڪلاس پنجين کان ميٽرڪ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين 40 مختلف پروجيڪٽس ٺاهي نمائش ۾ پيش ڪيا.

بقايا ---------- 19

عام سنڌ واسين کي ڀرپور شرڪت جي اپيل آهي- انهيءَ ڏينهن سنڌ سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين سنڌين جو پاڻي کسڻ ڌاري آبادڪاري ۽ ٻين انيڪ مسئلن لاءِ هڪ آواز ٿي احتجاج جو مظاهرو ڪيو وڃي .اهڙي ڳالهه سنڌ ترقي پسند پارٽي سکر ڊويزن جي صدر محمد علي شيخ پنهنجي اخباري بيان ۾ ڪئي آهي - هن چيو آهي ته يوم مادر وطن سنڌ وطن سان يڪجهتي طور هر سال ملهايو وڃي ٿو.جنهن ۾ سنڌ جا سڄڻ ۽ ڪهڻ گهرا ڀرپور شرڪت ڪندا رهيا آهن .هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ڌرتي انهيءَ ڏينهن پنهنجي حلالي اولادن کي حق سچ ۽ وطني محبت لاءِ سڏڙا پيي ڪري.

بقايا ---------- 20

ڪالوني ۾ احتجاجي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ جي يو آءِ سنڌ جي سينئر صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي، ڊويزن لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري شمس الدين سروهي، ضلعي صدر حافظ مدد علي قادري، حافظ رياض حسين چانڊيو، قمر الدين شيخ، عبدالستار منگي، حافظ امام الدين قاسمي سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي ۽ ٻين چيو ته لاڙڪاڻي شهر سميت آسپاس جي علائقن ۾ بدامني انتهائي وڌي وئي آهي، جڏهن ته ڦرون، ڌاڙا، چوريون توڙي ٻين سماجي برائين وارين واقعن ۾ ڏينهن ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي، جنهن سبب عام شهري غير محفوظ بڻجي ويا آهن. هنن چيو ته امن امان قائم رکڻ سنڌ پوليس جو فرض آهي، پر افسوس جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پنهنجي ذميوارين ۾ ناڪام نظر اچي رهيا آهن. ڇاڪاڻ جو لاڙڪاڻي جو ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻيا عملدار سياسي ماڻهن کي پروٽوڪول ڏيڻ ۾ مصروف نظر پيا اچن ۽ شهرين کي ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي، جنهن عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور تي لاڙڪاڻي شهر توڙي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ ڏوهي وارداتن تي ڪنٽرول ڪرڻ سان گڏ ملوث ڏوهارين کي قانون جي گرفت ۾ آڻي شهرين جي جان و مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي، ٻي صورت ۾ جي يو آءِ جي پليٽ فارم تان سخت احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو.

بقايا ---------- 21

وقار علي سومرو جي ميزباني هيٺ منعقد ڪيل جشن جي تقريب ۾ ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ قصيدن جي محفل ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مهمان خاص طور پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان جي ڪوآرڊينيٽر زوار فقير حسين علي جعفري شرڪت ڪئي، جڏهن ته سيد اميد علي شاهه، سيد همير ڪاظمي، فيض عباس ملاح ،آغا عرفان، پيرل فقير ،صحافي رجب علي بوزدار ،راجا وساڻ، امتياز علي ابڙو ،آغا عمران، امجد ملاح، وقار علي سومرو ،عبدالجبار سومرو، واجد علي ملاح ۽ ٻيا به تقريب ۾ موجود هئا. جڏهن ته ڀٽ شاهه جي بهترين لوڪ فنڪار بشير احمد مگنهار طرفان جشن جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ قصيده پيش ڪري محفل ۾ موجود عقيدتمندن کي جهومائي ڇڏيو. محفل رات دير تائين جاري رهي ۽ آخر ۾ لنگر نياز به تقسيم ڪيو ويو.

بقايا ---------- 22

ڪئي آهي ته حادثي تي ڏاڍو ڏک رسيو آهي فوت ٿي ويلن جي وارثن جي هر ممڪن مدد ڪئي وڃي. زخمين جي بهتر علاج کي يقيني بڻايو وڃي. رانيپور لڳ زائرين سان پيش آيل حادثو بس جي تيز رفتاريءَ سبب ٿيو آهي عوام ڊرائيونگ اصولن تي عمل ڪري ۽ ڊرائيور گاڏي هلائڻ وقت تيز رفتاريءَ کان پاسو ڪن. چوڻ انساني جانيون قيمتي آهن.انهن جو خيال رکيو وڃي قلندر شهباز جي ميلي تي ايندڙ پانڌيئڙا اسان جا مهمان آهن. سنڌ حڪومت انهن کي اڪيلو نه ڇڏيندي انتظاميه کي هدايتون ڪيون ويون آهن ته انهن جو پورو خيال رکيو وڃي.ان کان پهرين سيد اويس قادر شاهه ڳوٺ خدابخش مهر ۽ يونين ڪائونسل اروڙ روهڙي تعلقي ۾ شير محمد مهر ،سائين ڏنو مهر غلام قادر مهر سان شوڪت مهر جي وفات تي عذرخواهي پڻ ڪئي

بقايا ---------- 23

شڪارپور لاڙڪاڻو ڪشمور ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي خيرپور جيڪب آباد سميت سڄي سنڌ بدامني جي لپيٽ ۾ آهي ڌاڙا ڦرون اغوا جون وارداتون وڌي ويون آهن .سنڌ سرڪار عوام کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام رهي آهي ، سنڌ جو عوام پاڻ کي غير محفوظ سمجهي ٿو. هن چيو ته اسان جي پرامن شهر سکر کي به نظر لڳي وئي آهي هر روز چوريون قتل ڦرلٽ جون وارداتون وڌي ويون آهن .ضلعي سکر جي اندر قبائلي تڪرارن ڪر کنيو آهي ، روز لاش ٿا ڪرن انتظاميه اگهور ننڊ ستل آهي ، قبائلي تڪرارن جي ڪري ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي چڪو آهي . امن امان قائم ڪرڻ لاءِ ڪا حڪومتي رٿ نظر نٿي اچي اهڙو اظهار مفتي سعود افضل هاليجوي عوامي مسائل دفتر سکر ۾ جي يوآءِ اڳواڻن مولانا عبيدالله ڀٽو ، مفتي قمرالدين ملاڻو ،مفتي اعظم مهر ، قاري محمد فاروق شيخ ، اسامه محمود هاليجوي ۽ ٻين سان گڏ ڳالهائيندي ڪيو . جي يوآءِ جي مرڪزي اڳواڻ مفتي سعود افضل هاليجوي وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت قبائلي جهيڙن جي خاتمي لاءَ جوڳا اپاءَ وٺي ۽ جلد سڄي سنڌ ۾ جهيڙيندڙ برادرين جي درميان فيصلن جون تاريخون مقرر ڪرايون وڃن .قبيلائي جهيڙن جي صلح ۾ اگر ڪير رڪاوٽ آهي ته سڀ کان پهريان انهي کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي هن چيو ته قبيلائي جهيڙن ۾ هزارين مائرن جا ڪونٽر ڪسجي چڪا آهن ليڪن ترجي چڱن مڙسن جي ڪن تي جوئن به نه ٿي چري ، سنڌ جي اترين ضلعن ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، گهوٽڪي ، سکر شڪارپور، جيڪب آباد ۾ بدامني جي باهه ۾ ٻري پئي، سنڌ ۾ امن امان جي بحالي توڙي سنڌ جي مسئلن لاءِ سنڌ حڪومت جو ڪو به ڪردار نه آهي قبيلائي جهيڙا ختم ڪرايا وڃن امن امان بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ جي يوآءِ سنڌ جي عوام سان گڏ امن امان کي بهتر بنائڻ لاءِ ميدان تي نڪرندي

بقايا ---------- 24

مرحوم جو مڙهه جنازي نماز بعد سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءَ حوالي . جنازي نماز ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سهيل انور سيال ، پ پ اڳواڻ طارق انور سيال ، صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ، ايم پي اي جميل احمد سومرو ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو چيئرمين اعجاز احمد لغاري ، مئير لاڙڪاڻو انور علي لهر ، اديبن ، شاعرن ۽ صحافين جي شرڪت . رپورٽ موجب : سنڌ ادبي سنگت جو اڳوڻو مرڪزي سيڪريٽري ، ناليوارو اديب ، اڳوڻي ايم ايس چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻو ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سهيل انور سيال جو چاچو ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ڪجھ عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو هو . جنهن جي جنازي نماز باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ فريد آباد پرسان سيال هائوس انور آباد ۾ ادا ڪئي وئي . جنازي نماز ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سهيل انور سيال ، پ پ اڳواڻ طارق انور سيال ، صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ، ايم پي اي جميل احمد سومرو ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو چيئرمين اعجاز احمد لغاري ، مئير لاڙڪاڻو انور علي لهر ، ٽائون آفيسر محمد خان سيال ، يوسي چيئرمين انور آباد نذير اڪبر سيال ، رٽائرڊ ڪرنل رئيس نظير احمد جتوئي ، سيد رياض حسين شاهه ۽ اديبن ، شاعرن عبدالقادر جاگيراڻي ، ساٿول ميرالي ، ملهار سنڌي ، باغي بلوچ ، فقير پريل دايو ، ڪامريڊ ڪريم بلوچ ،عاجزغلام رسول ابڙو ، غلام محمد غازي ، سخي علي محمد سامٽيو ، سرمد علي چنا ، جام محبت سهتو ، عزيز ڪاماٺي ، لالڻ چنو، پريس ڪلب باقراڻي جي صدر لالا برڪت بلوچ ، صحافي احمد نواز بلوچ ، ياسين احمد مشوري ، سيد اياز شاهه بخاري ، ساگر مجاهد ٽنيو ، سيد اشفاق شاهه ، آصف ٽنيو ،خدا بخش ابڙو ، پ پ اڳواڻ عبدالرحمان جتوئي ، سرائي غلام محي الدين مگڻ ، حزب الله آريجو ، علي گوهر خان بروهي، يوسي چيئرمين شفيق چانڊيو اختر حسين بروهي،سردار علي ڏنو گاڏهي، ڪامريڊ علي محمد عالماڻي، ٽائون ڪاميٽي گيريلو چيئرمين رئيس سعيد احمد عباسي، وائيس چيئرمين عطا الله مئيو راجپوت، پ پ اڳواڻ جان محمد بروهي، سيد هدايت الله شاهه، ٽي اي او باقراڻي محمد پناهه سيال، نظير احمد جيسر، ديدار علي جتوئي، حافظ نياز حسين جتوئي، سيد ذوالفقار علي شاهه يوسي چيئرمين پناڻ آفتاب احمد سيال سميت پ پ اڳواڻن ، سيال برادري، صحافين ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مرحوم جو مڙهه جنازي نماز بعد سندس اباڻي قبرستان ۾ سوين آلين اکين سان مٽي ماءَ حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن، اديبن، شاعرن ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار شاهه جو وڇوڙو نه صرف سندس پونئيرن لاءِ ڏک ۽ غم جو فسانو آهي بلڪ سڄي سنڌ لاءِ سانحو ۽ سنڌي ادب ۾ اونهو خال آهي. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌ جو هڪ بيباڪ ۽ عظيم ليکڪ هو ۽ سندس علمي ادبي لازوال خدمتون آهن.

بقايا ---------- 25

سنڌ ۾ نوجوان قيادت کي ذميواريون ڏئي ڪارڪنن جو دليون کٽي ورتيون آهن اهڙن خيالن اظهار سيد محمد عاقل شاهه پاڪستان پيلز پارٽي تعلقه محرابپور جو صدر مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ هالاڻي ۽ محرابپور پهچڻ تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جيالن ڪيس جو والهانه شاندار استقبال ڪري محرابپور آندو ويو اتي محرابپور جي قيادت کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته پاڪستان پيلز پارٽيءَ هميشه اصولن واري سياست ڪئي آهي پارٽي قيادت چونڊيل نمائندن سنڌ اندر عوام جي اجتمائي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪرائڻ سان گڏ سنڌ مٿان زبردستي وفاق پاران عوام جي مرضيءَ خلاف منصوبا جوڙڻ جي ڀرپور مخالفت ڪئي آهي سنڌو درياءَ مٿان نڪرندڙ ڇهه ڪئنالن جي مخالفت ڪري رهي آ انشاء الله ايندڙ اليڪشن ۾ اسانجو چيئرمين وڏي ڪاميابي ماڻين ملڪ جو وزير اعظم ٿيندو

بقايا ---------- 26

گهر ۾ نيائين جي ڏاج سميت مڪمل سامان سوڙو سڙي رک ٿيڻ سميت 2 موٽر سائيڪلون ۽ 4 جانور پڻ سڙي ويا هئا، جيڪي هن وقت کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن. جن جي ضلعي انتظاميا ته ڪا سار ناهي لڌي، البته هلال احمر پاڪستان جي ريسڪيو ٽيم حاجي محمد حنيف ميمڻ جي قيادت ۾ پهچي باهه متاثرين کي ٽينٽ تنبو لڳائي ڏيڻ سميت کين بسترا، ڪپڙا ۽ ٻيو ضرورت جو سامان مهيا ڪيو ان موقعي تي حاجي محمد حنيف ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته قدرتي آفتن سبب متاثر ٿيندڙن جي هلال احمر پاڪستان بنا ڪنهن فرق جي هميشه مدد ڪئي آهي. هن چيو ته هتي پڻ 10 باهه متاثرين کي سامان مهيا ڪيو ويو آهي، جيئن هو پريشاني کان بچي سگهن. ان موقعي تي پير نصير شاهه جيلاني، پير آفتاب شاهه جيلاني، پير دلدار شاهه جيلاني، سينيئر صحافي اعجاز واريو، شاهد سمون، محمد خان ملاح ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا ---------- 27

سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان فرنٽ موومنٽ جو چيئرمين مير لال ڏنو مري پاران سياسي پارٽي جو بنياد وڌو ويو آهي جنهن جو 52 نقطن تي منشور جوڙيو ويو آهي پاڪستان ۾ هن وقت بدحالي بدامني وڌيل آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ هڪ نئين سياسي پارٽي جي ضرورت هئي جيڪا پاڪستان فرنٽ موومنٽ جي چيئرمين مير لال ڏنو پوري ڪري رهيو آهي پاڪستان فرنٽ موومنٽ جي چيئرمين مير لال ڏنو مري صاحب کي سنڌ جي عوام سان ٿيندڙ ظلم برداشت نه ٿو ٿئي ۽ انشاءَ الله سنڌ جو عوام جلد خوشحال ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان فرنٽ موومنٽ جو منشور آهي ته پاڪستان ۾ چائنا وارو سسٽم آندو وڃي فري ڪرپشن هجي جيڪو به ڪرپشن ۾ ملوث هجي ان کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي پيئڻ جو صاف پاڻي عوام کي ڏنو وڃي قبيلائي جهيڙن جو خاتمو ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان فرنٽ موومنٽ جي مارچ ۾ انٽرا پارٽي جي اليڪشن ڪرائي ويندي هن چيو ته چائنا 800 ملين عوام کي غربت مان ڪڍيو آهي ۽ مير لال ڏنو مري جو پڻ عزم آهي ته پاڪستان مان 300 ملين عوام کان غربت مان ڪڍيو ويندو

بقايا ---------- 28

پاڻڌي، در محمد لاکير، قاضي عبدالرحمان جي شاگردن، شاگردياڻين، استادن، ڳوٺاڻن پاران سرويچ نائن شاهي، محمد خان ڪولاچي، احسان لاکير، سجاد لاکير علي اصغر لاکير سائين سليمان لاکير الله داد ڪولاچي ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي شاگردن سنڌي ٻولي قومي ٻولي جي نعرن سان مختلف اسڪولن کان 5 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪيو. شاگردن محمد جبران علي باسط بسماخاتون بنسسا علي عاصم حسين ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته زنده قومون پنهنجي ٻولي تهذيب ثقافت کي ياد ڪنديون آهن هنن چيو ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ. خانگي اسڪولن، آفيسن ۾ رائج ڪري قديمي ٻولي کي اجاگر ڪيو وڃي هنن چيو ته اجوڪي هي جاڳرتا ريلي ذريعي عالمي اعلا ادارن کان گهر ڪئي ته هي سنڌي ٻولي 5هزار سالن کان مٽي عرصي سان ڳالهائيندڙ قوم جي قومي ٻولي آ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي

بقايا ---------- 29

. ان موقعي تي معذور نينگر احمد علي ڪلهوڙو ڏاٿهيندي چيو ته مان ڄائي ڄم کان هڪ هٿ ۽ هڪ ڄنگهه کان معذور آهيان. مون کي ٻه ڀينرون آهن. والد محمد علي ڪلهوڙو جي فوت ٿيڻ بعد چاچي عرفان ڪلهوڙي ڳوٺ درياهه خان ۾ اسان جي زرعي زمين ۽ جڳهه تي قبضو ڪري ڇڏيو هينئر مان معذور ٿي دل ۾ سوراخ واري بيماري ۽ مبتلا آهيان. ايترا پئسا ناهن جو مان پنهنجو علاج ڪرائي سگهان. چاچي طرفان ملڪيت تي قبضي خلاف برادري جي چڱن مڙسن ۽ پوليس کي شڪايتون ڪيون پر ڪو تدارڪ نه ڪيو ويو آهي جنهن ڪري مان سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيان. هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ملڪيت مان حصو ڏياريو وڃي ته جيئن مان پنهنجو علاج ڪرائي ٻنهي ڀينرن جي ڪفالت ڪري سگهان.

بقايا ---------- 30

پنهنجي دوري دوران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪنڊيارو، گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول ڪنڊيارو ۽ تعلقي اسپتال ڪنڊيارو جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز لياقت علي لنڊ، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو محبت علي ڀٽ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر ساٿس گڏ هئا. ڪمشنر پاران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جي دوري جي موقعي تي شاگردن جي حاضري گهٽ هجڻ، پيئڻ جي پاڻي جي مشين ۽ فلٽر پلانٽ خراب هجڻ تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر کي هدايت ڪئي وئي ته انتظامن کي بهتر بڻايو وڃي، شاگردن جي حاضري يقيني بڻائي وڃي ۽ پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 31

ضلعي جي مختلف شهرن مان آيل صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين پيڪا قانون نامنظور، ڪارو قانون نامنظور، جا آڀ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا. ان موقعي تي سنڌ صحافي اتحاد جي اڳواڻ ۽ پريس ڪلب نوشهرو فيروز جي صدر محمد يونس راڄپر، سنڌ صحافي اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ ۽ نيشنل پريس ڪلب جي صدر اير ظفر تگڙ، علي نواز سولنگي، مولا بخش مشوري، خادم سيال، شاهد چنڊ عطا حسين سمون عرفان ميمڻ عوامي پريس ڪلب جي صدر عادل عباسي، تنوير قريشي، مسرور چانڊيو، مجيد ڪيريو، راڻا عبدالستار، ثناءُالله عباسي، دين محمد تگڙ، علي بخش ٻوهيو مختيار سهتو، پاڪستان پريس ڪلب جي اياز ملڪ، جي ايم ميراڻي عبدالحفيظ مشوري، شاهد خانزادو، ظفر پنهور، سميت ٻين شرڪت ڪئي ۽ سندن چوڻ هو ته اظهار جي آزادي کي روڪڻ لاءِ پيڪا قانون آندو ويو آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ نه قبوليندا سين ۽ پيڪا قانون ذريعي ميڊيا کي اظهار جي آزادي کان روڪڻ جي ڪوشش آهي. صحافي قلم جي ذريعي مظلوم ماڻهن جو آواز بڻجي اعليٰ ايوانن تائين پهچائين ٿا. پيڪا قانون آڻي حق سچ جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، اهڙي قانون کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين ان ڪاري قانون کي ختم ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 32

گهوٽڪي ۽ جيڪب آباد ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال تي جي يو آءِ ايندڙ هفتي کان ضلعي ليول تي ڌرڻا هڻندي اسان پنهنجي عوام جي تحفظ لاءِ هر قسم جي مزاحمت ڪنداسين" اهڙو اظهار جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي غوثپور ۾ جي يو آءِ جي امير سيد سهيل احمد شاهه پاران ڏنل آجياڻي جي موقعي تي ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي ڪيو مولانا صاحب چيو ته ضلعي ڪشمور ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال تي اسانکي سخت ڳڻتي آهي ۽ اسان ان سلسلي ۾ اعلا اختيارين سان ملي شڪايتون به ڪيون آهن پر سنڌ حڪومت ان معاملي ۾ سنجيده نظر نٿي اچي هڪ سوال جي جواب ۾ مولانا چيو ته ضلعي ڪشمور ۽ ٻين شهرن مان ديوان برادري کي هيسائي ڀتي جون پرچيون موڪلي لڏائڻ واري عمل جي سخت مذمت ڪريون ٿا ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته هندو برادري کي تحفظ ڏيئي سندن جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا ---------- 33

مقابلا ڊسٽرڪٽ هاڪي ايسوسيئشن خيرپور پاران اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ سنڌ جي تعاون سان بخت علي ڏهوٽ هاڪي اسٽيڊيم لقمان خيرپور تي آل پاڪستان هاڪي ٽورنامينٽ جا شاندار مقابلا آخري مرحلي ۾ داخل ٽورنامينٽ جو پهريون سيمي فائنل خيبر پختونخوان جي ايبٽ آباد ۽ خيرپور جي ٽيمن جي وچ ۾ کيڏيو ويو جنهن خيرپور 1_0 تان ڪاميابي حاصل ڪري فائنل لا جگهه پڪي ڪري ورتي ٻيو سيمي فائنل سکر ۽ پنجاب جي صادق آباد جي ٽيمن جي وچ ۾ ٿي جيڪا سنسني خيز مقابلي کان پو صادق آباد جي ٽيم 3_2 تان کٽي فائنل لا ڪواليفا ڪري ورتو ان موقعي تي مهمان خاص محمد اخلاق ميمڻ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر خيرپور جن هئا انهن سان گڏ سليم احمد آرائين سينئير ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن محمد امين آرائين . پروفيسر نجم الحسن .سيد علي عباس. محمد عمران عرفان علي ڏهوٽ - غلام مرتضي ڏهوٽ عامررضا شوڪت علي ۽ ٻيا موجود هئا مهمان خاص خطاب ڪندي چيو ته سردار محمد بخش خان مهر منسٽر اسپورٽس ۽ عبدالعليم لاشاري سيڪريٽري اسپورٽس حڪومت سنڌ جي هدايت تي مختلف راندين جا ايونٽ ٿي رهيا آهن جنهن سان اسپورٽس جا ٽئلنٽ ظاهر پيو ٿي اهو وقت پري ناهي جڏهن خيرپور سميت سنڌ جا رانديگر پاڪستان ۽ انٽرنيشنل ليول تي قوم ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪندا نظر ايندا.

بقايا ---------- 34

۽ آبادگارن جو 6 ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڌرڻو. روڊ بلاڪ ڪيو ويو. آبادگارن جو معاشي قتلام ڪرڻ خلاف فريدآباد ۾ هارين. آبادگارن علي نواز خاصخيلي .مولانا محمود خاصخيلي . علي اصغر خاصخيلي . محب علي چانڊيو . ڪامريڊ علي چانڊيو ۽ رفيق احمد خاصخيلي جي اڳوائي ۾ 6 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. جنهن ڪري روڊ بلاڪ ٿي ويو. ان موقعي تي هارين ۽ آبادگارن چيو ته ڪاڇي ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري ڪٽڪ سڪي سڙي رهي آهي . ڪاڇي جي آبادگارن هارين جو معاشي قتلام ٿي رهيو آهي - هنن چيو ته آبپاشي آفيسر رشوت عيوض چنبڻ جا دروازا کولي ڪمائي جو ذريعو بڻايو ويٺا آهن. ڪاڇي ۾ پاڻي جي سخت کوٽ ڪرائي پئي وڃي- هنن سنڌ جي وزير اعليٰ سيد مراد علي شاهه -ٽڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته چنبڻ جا دروازا فوري بند ڪيا وڃن - ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو-

بقايا ---------- 35

ڪرڻ جي خلاف سروري پارڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب هالا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين ممتاز شيخ احسان علي ڏاهري، مرزو ملاڻو ڪريم ڏنو ڏاهري ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ڪي پي ڪي حڪومت جي خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته پاڪستان آرمي اسان جي سرحدن جي محافظ آهي ان جي خلاف ڪنهن به قسم جي پروپيگنڊا برداشت نه ڪئي ويندي هنن چيو ته پاڪستان جي لاءِ پاڪ آرمي جون بي پناهه قربانيون ڏنل آهن جنهن جي ڪري پاڪستان جو شمار طاقتور ملڪن ۾ ٿئي ٿو. هنن چيو ته غيرملڪي قوتن جي اشارن تي ڪي پي ڪي حڪومت پاڪ آرمي جي خلاف غلط پروپيگنڊا ڪري رهي آهي جيڪا ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. ملڪ جو عوام هر موڙ تي پاڪ آرمي سان گڏ آهي.

عام اطلاع

جيئن ته آءُ نالي خير محمد ولد اشرف علي ذات ڪوسو وينڊل ڳوٺ ميو ڪوسو جي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪريان ته تعليمي سرٽيفڪيٽن ۾ غلطي سان خير محمد ولد محمد اشرف ذات ڪوسو لکجي ويو آهي جيڪو سراسر غلط آهي منهنجي والد جو درست نالو اشرف علي آهي محمد اشرف کي درست ڪري تعليمي سرٽيفڪيٽن ۾ خيرمحمد ولد اشرف علي ذات ڪوسو لکيو ۽ پڙهيو وڃي، هي بيان منهنجو رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

المشتهر خير محمد ولد اشرف علي وينڊل
ڳوٺ ميو پوسٽ آفيس قلجي اسٽيشن
ڪوسو ضلع تعلقه دادو

لاتعلقي جو اعلان

آئون نالي عبدالرزاق ولد عبدالرسول گرماڻي بلوچ وينڊل محلو نظاماڻي خيرپور، قومي شناختي ڪارڊ نمبر 45203_7841930_7 جيئن ته منهنجي اولاد خاص طور تي پٽ توفيق احمد ۽ ڌيءُ فلڪ نازجيڪي غلط ماڻهن سان ملي ڪري منهنجا جاني ۽ مالي دشمن ٿي ويا آهن. گهڻي سمجهائڻ جي باوجود منهنجي چوڻ آکڻ ۾ نٿا اچن ۽ منهنجا نافرمان آهن. تنهنڪري بنا ڪنهن نشي وابراڻ جي، هوش حواس سان بنا ڪنهن زور بار جي مان پنهنجي اولاد کان لاتعلقي جو اعلان ڪريان ٿو جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهو يا ڪنهن اداري جي هنن سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪيل آهي يا ڏيتي ليتي ڪندا ته ان ۾ منهنجو ڪو به واسطو نه هوندو ۽ ان جا ذميوار اهي خود هوندا. ان کان علاوه مٿي ذڪر ڪيل ٻارن جي ماءُ ناديه ولد رحمت علي کي اڄ کان لڳ ڀڳ 12 سال اڳ تاريخ 24_08_2013 تي مون طلاق ڏئي ڇڏي هئي ۽ هاڻي ان سان پڻ منهنجو ڪو واسطو نه آهي. هي بيان/اعلان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

المشتهر: عبدالرزاق ولد عبدالرسول وينڊل
محلو نظاماڻي خيرپور

بقايا 01

حادثن ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ روڊن کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي. وفاقي حڪومت طرفان سنڌ جي نيشنل هاءِ وي کي بلڪل ڀلائي ڇڏيو آهي جڏهن ته انڊس هاءِ وي جو ڪم 8 سال گذرڻ باوجود مڪمل ناهي ڪيو وائين لڳي ٿو ته ڄڻ هي روڊ پاڪستان ۾ آهن ئي ڪونه. سکر ۾ سولر هوم سسٽم ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته هو حادثن جي متاثرن سان گڏ بيٺا آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت بلاول ڀٽو جي ويزن موجب ڪم ڪري رهي آهي جيڪو اڄ تائين ڪنهن به حڪومت نه ڪيو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ هن پروگرام جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي ته 20 کان 21 لک ماڻهن کي گهر ناهي ڏنا پيا وڃن. جيڪي ڪين ملڻ بعد جيڪڏهن ٻوڏ آئي ته ڪين ٽينٽ ۾ رهڻو نه پوندو آهي هن چيو ته سولرائيزيشن پروگرام اسان 2012ع ۾ شروع ڪيو هو پر وسيلن جي کوٽ سبب اهو پروگرام دير جو شڪار ٿيو. بلاول ڀٽو عوام کي سستي بجلي فراهم ڪرڻ جو پنهنجو واعدو پورو ڪري رهيو آهي. هو عوام کي سستي بجلي فراهم ڪرڻ چاهين ٿا ته جيئن هن مان بچندڙ پئسو عوام جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪري سگهجي جنهن لاءِ اسان عالمي بينڪ سان رابطو ڪيو ۽ پروگرام ترتيب ڏنا جنهن جا 3 حصا آهن وزيراعلي چيو ته ڪراچي ۾ 15 هزار ٽن ڪچرو جمع ٿيندو آهي ان مان بجلي ٺاهڻ جو منصوبو شروع ڪيو ويو آهي هن وقت 2 لک گهرن کي سولر گهر سسٽم ڏنا ويا آهن جيڪو ڪافي ناهي اسان وڌيڪ 5 لک هوم سولر سسٽم لاءِ بجيٽ ۾ پئسا رکيا جن جي منظوري ڏني آهي هن ئي سال 5 لک وڌيڪ گهرن کي سولر سسٽم ڏينداسين هن چيو ته (تشهير) رڳو ڳالهيون ڪرڻ سان ووٽ نه ملندو بلڪيڪم ڪرڻ سان ووٽ ملندو آهي صوبي جي ماڻهن اسان کي چوٿون ڀيرو حڪومت ڏني آهي 2008 جي سيٽن جو ريڪارڊ اسان 2013 ۽ 2013 جو ريڪارڊ 2018 ۾ 2018 جو ريڪارڊ اسان 2024ع ۾ ٽوڙيو آهي ۽ انشاءالله 2029ع ۾ باقي سيٽون کٽينداسين. هن چيو ته 2029ع ۾ پيپلزپارٽي پاڪستان ۾ نمبرون هوندي ۽ بلاول ڀٽو وزيراعظم بڻجندو هن صوبي جي عوام اسان کي ووٽ ڏنو آهي. انهن جي خدمت جاري آهي واري عوام وٽ وڃي سرخرو ٿينداسون هن چيو ته ڪراچي ۾ 35 کان وڌيڪ سرڪاري عمارتون سولرائيزڊ ڪيون ويون آهن پوري صوبي ۾ اهو پروگرام جاري آهي، ڪراچي ۽ ڄامشورو ۾ سولر پارڪ ٺاهيا پيا وڃن. جن مان پيدا ٿيندڙ بجلي نيشنل گرڊ ۾ شامل ٿي ويندي ۽ عوام کي دستياب هوندي

بقايا 02

تيز ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. ڪراچي ۾ سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ موٽر وهيڪل انسپيڪشن نظام جي اثرائتي نفاذ لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جو اهم اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال دايو، سيڪريٽري پي ٽي اي اوڪاش ميمڻ ۽ ٻين اهم اختيارين شرڪت ڪئي. اجلاس جي موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير اڳواٽ ئي ايم وي آءِ نظام ۽ وهيڪل رجسٽريشن لاڳو ڪرڻ جي حوالي سان واضح هدايتون جاري ڪيون آهن. روڊن جي حفاظت ۽ قاعدن ۽ ضابطن جي تعميل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايم وي آءِ نظام هڪ مهيني اندر مڪمل طور تي فعال ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته هيوي گاڏين، جن ۾ ڊمپرز، ٽرڪ، بسون ۽ ٽرالر شامل آهن. جي لاءِ موٽر وهيڪل انسپيڪشن لازمي قرار ڏنو ويو آهي. نفاذ کي آسان بڻائڻ لاءِ ڪراچي ۾ ڇهن هنڌن تي ايم وي آءِ سينٽر قائم ڪيا پيا وڃن. اهڙي ريت حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن ۾ ايم وي آءِ سائٽس قائم ڪيا ويندا. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ٽرانسپورٽ جي شعبي کي جديد بڻايو وڃي، روڊ تي هلڻ کان اڳ گاڏين جي حفاظت جي معيار کي يقيني بڻايو وڃي. فٽنس سرٽيفڪيٽ نه رکڻ وارين گاڏين خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي ويندي. جعلي فٽنس سرٽيفڪيٽ رکندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري ڪين جيل موڪليو ويندو.

بقايا 03

اسان قرآن کي مسجدن مان ڪڍي اسلام آباد جي ايوانن ۾ تخت تي ويهاري ظلم واري نظام جو خاتمو چاهيون ٿا، پاڪستان اسلام جي نالي تي ٺهيو پر هتي نه اسلام آهي ۽ نه ئي جمهوريت بلڪه رشوت، ڪرپشن، ظلم ۽ انگريز جو نظام لاڳو ٿيل آهي. ملڪ 1947ع ۾ آزاد ٿيو پر اسين اڄ به غلام بڻيل آهيون. اڄ به ماڻهو فٽ پاٿن تي سمهن ٿا، 03 ڪروڙ ٻارڙا تعليم کان محروم ۽ 85 فيصد عوام پيئڻ جي صاف پاڻي کان به محروم آهن چوته هتي انصاف جو نه پر ظلم جو نظام نافذ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٽنڊو محمد خان لڳ ڳوٺ باقر نظاماڻي ۾ مدرسه جنت الفردوس ۾ تڪميل قرآن واري ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي پاران قائم ڪيل مدرسن ۾ فرقيواريت بدران اُمت جي اتحاد جو فلسفو پڙهايو ٿو وڃي، اسان چاهيون ٿا ته سياست، معيشت، عدالتي نظام ۽ تعليمي نظام کي قرآن جي ٻڌايل اصولن تي خلافت ذريعي قائم ڪيو وڃي. باطل قوتن جي سازش آهي ته قرآن پاڪ جي ٻڌايل نظام کي مسجد ۽ مدرسي کان ٻاهر نڪرڻ نه ڏنو وڃي. پر اسان جي ڪوشش آهي ته قرآن واري نظام کي زندگي جي هر شعبي ۾ لاڳو ڪيو وڃي. عوام جماعت اسلامي جو ساٿ ڏئي ته هتي انصاف، ڀائيچاري، برداشت ۽ محبت وارو انقلاب آڻي ڏيکارينداسين. تعليم جي نظام کي طبقاتي نظام ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، غريبن لاءِ سرڪاري اسڪول آهن جن ۾ نه پيئڻ جو صاف پاڻي، نه ئي واش روم ۽ بجلي آهي، تعليم ڏينهون ڏينهن مهانگي ٿي رهي آهي، موجوده نظام فساد جي پاڙ آهي جنهن خلاف جدوجهد ڪرڻ به جهاد آهي. ديني مدرسا اسلام جا قلعا آهن. اسان کي جڏهن به اقتدار مليو ته ملڪ ۾ هڪجهڙو تعليمي نظام نافذ ڪنداسين. ڇاڪاڻ ته جماعت اسلامي روز اول کان ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف واري نظام لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي جنهن ۾ عام ماڻهو کي تعليم، صحت، روزگار ۽ علاج جون سموريون سهولتون مُفت ۾ ميسر هجن ۽ ملڪ مان وياج واري نظام جو خاتمو ٿي سگهي. رياست، سياست، حڪومت ۽ معيشت توڙي عدالتن ۾ قرآن ۽ سنت جو نظام نافذ ٿئي، ملڪ ۾ معاشي بدحالي، قرضن جو بار، مهانگائي ۽ بيروزگاري جو سبب نااهل، ڪرپٽ ۽ مغرب توڙي اسٽيبلشمينٽ جي اشارن تي نچڻ وارا حڪمران آهن. هن وڌيڪ چيو ته اڄ اپر سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ نافذ آهي. ماڻهن کي جهنگ جي جانورن وانگر پڪڙي پڃرن ۾ بند ڪري پَنگ طلب ڪئي ٿي وڃي، پيپلزپارٽي جي 17 سالہ دور حڪومت ۾ خود لاڙڪاڻي شهر جا شهري به ڌوهارين کان محفوظ ناهن. ڌاڙيل راڄ جي خاتمي لاءِ جماعت اسلامي 16 فيبروري تي (اڄ) شڪارپور ۾ ڌرڻو ڏئي رهي آهي، عوام پنهنجي ننگن ۽ ڏنگن جي حفاظت لاءِ ڌرڻي ۾ ڀرپور شرڪت ڪري سجاڳي جو ثبوت ڏي. سراج الحق وڌيڪ چيو ته غزه جنگ دوران اسرائيل سان ٻڌي جو اظهار ڪرڻ لاءِ آمريڪا، فرانس توڙي برطانيه جا حڪمران تل ابيب جو دورو ڪري سگهن ٿا، پر 58 اسلامي ملڪن جا سربراهه غزه جو دورو نٿا ڪن چو ته اهي بزدلي، بي ايماني ۽ وقت جا مير جعفر ۽ مير صادق بڻيل آهن. ان موقعي تي جماعت اسلامي سنڌ جو اڳوڻو امير ڊاڪٽر معراج الهدئ صديقي، نائب امير حافظ نصرالله چنا، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري الطاف احمد ملاح، مولانا عبدالقدوس احمداڻي، ضلعي امير حافظ لعل محمد سولنگي، رئيس عبدالحفيظ نظاماڻي، حافظ صالح پنهور ۽ مقامي امير مسلم نظاماڻي سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.#

بقايا 04

فوت ٿي ويل ٻارڙي فاطمه ڦرڙو قتل ڪيس جي ٻڌڻي فورٿ ايڊيشنل سيشن جج ثمينه منگي جي عدالت ۾ ٿي گذري .فورٿ ايڊيشنل سيشن جج ثمينه منگي جي عدالت ۾ فريادين جي وڪيل جمشيد ڏهراج ۽ جوابدار ڌر جي وڪيل علي مرتضي شاهه پيش ٿيا. ان موقعي تي عدالت سگهوري جوابدارن طرفان ڏنل ضمانت واري درخواست کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ناهه جا جمع ڪرايل قسم ناما پڻ رد ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي ۽ 17 فيبروري تي ڇڻي جوابدارن پير سيد اسد شاهه، پيرفياض شاهه، حنا بي بي ۽ امتياز ميراڻي سميت ٻنهي ڌرين جي وڪيلن ۽ فريادين کي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو .عدالت ان موقعي تي ريمارڪس ڏيندي چيو ته فاطمه ڦرڙو قتل ڪيس ناهه جو ڳوڙ ناهي تنهنڪري ضمانت جي درخواست رد ڪجي ٿي.

بقايا 05

چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي 1 مارچ تائين ملتوي:_ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين ڏاڏي ڪرم الله چانڊيو، والد مختيار چانڊيو ۽ چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ جو جج حسن علي ڪلوڙ موڪل تي هجڻ سبب ٻڌڻي 1 مارچ تائين ملتوي ڪئي وئي، ڪيس جو فريادي پرويز چانڊيو ۽ امر رباب چانڊيو عدالت نه پهتا جڏهن ته الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو برهان خان چانڊيو ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو، جوابدار ستار چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا ڪيس ۾ گرفتار جوابدار علي گوهر چانڊيو، ذوالفقار چانڊيو ۽ ٻين کي جيل پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو. جج جي موڪل سبب ٻڌڻي 1 مارچ تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 06

ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ 10 ورهين جي معصوم نينگري فاطمه ڦرڙو جي امڙ شبانه ڦرڙو پاڪ اخبار جي ٽيم سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان عدالت سگهوري تي اعتماد ڪيون ٿا ۽ اميد آهي ته اسان کي انصاف ملندو هن وڌيڪ چيو ته پاڪ ڪتاب ۽ نياڻين جي بار بار اينڊرمنٽ ميڙ قاتلن کي مان ڏيندي اسان ڪورٽ سگهوريءَ ۾ جوابدارن کي ضمانت ڏيڻ لاءِ قسم نامو جمع ڪرايو هيو جڏهن ته هن وڌيڪ چيو ته جوابدار جڏهن ضمانت تي آزاد ٿيندا تڏهن انهن سان راڄوڻي فيصلو ڪيو ويندو

بقايا 07

جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جي جاچ آفيسر کان اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. پوليس پنهنجي موقف ۾ چيو ته ارمغان ۽ مصطفي دوست هئا. نئين سال جي رات پاڻ ۾ جهيڙو ٿيڻ وقت ارمغان پاران مصطفي کي هڪ عورت کي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني وئي، جنهن کان پوءِ 6 جنوري تي ارمغان مصطفي کي گهرائي مٿس تشدد ڪيو ويو ۽ عورت 12 جنوري تي پرڏيهه هلي وئي. پوليس وڌيڪ چيو ته اسان انٽرپول ذريعي عورت کي گهرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. تنهنڪري عورت جو بيان اهم آهي. جاچ آفيسر چيو ته 11 جنوري تي اسان کي سڙيل گاڏي جي اطلاع ملي جنهن ۾ هڪ لاش به مليو جنهن کي حب جي اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ پڙهايو ويو

بقايا 08

ڊي ايس پي نيوسعيدآباد وڏن پوليس اٿالن سان پهچي ٻنهي انسپيڪٽرن کي عملي جي ڇهن ڄڻن جن ۾ حاڪم پنهور، نواب ڀاٽي، ذوالفقار، ارباب، عظيم جٽ، ذوالفقار سولنگي شامل آهن کي حراست ۾ وٺي نيوسعيدآباد ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو هڪ ايڪسائيز پوليس جي انسپيڪٽر جاويد ميمڻ موجب آئون ايڪسائيز پوليس ۾ اينٽي نارڪو ٽيڪس سرڪل آفيسر متياري آهيان مهراڻ هاءِ وي تي خفيا اطلاع تي مخبر سميت سرڪاري گاڏي ۾ پهچي ڪاروائي ڪري رهيو هيس ته ايڪسائيز کاتي جي موٽر وهيڪل برانچ انچارج انسپيڪٽر شيرخان اعواڻ جنهن سان منهنجو اڳ ئي پوسٽنگ تي تڪرار هلندڙ آهي پهتو جنهن پوليس کي ڪوڙو اطلاع ڪيو ته اسان جعلي اهلڪار آهيون ۽ جعلي ورديون پائي ڦرلٽ ڪري رهيا آهيون جنهن بعد نيوسعيدآباد پوليس اسان کي ايڪسائيز کاتي جي گاڏي سميت ٿاڻي تي آندو ۽ اسان کان موبائيل فونون به ڦري ڇڏيون. ايڪسائيز انسپيڪٽر شيرخان اعواڻ موجب انسپيڪٽر جاويد ميمڻ جي اتي پوسٽنگ ناهي هو پرائيويٽ ماڻهن سان گڏ گاڏين وارن کان ڦرلٽ ڪري رهيو هو ته مون اهڙو اطلاع نيوسعيدآباد پوليس کي ڪيو جنهن تي پوليس ڪاروائي ڪئي آهي ڊي ايس پي نيوسعيدآباد منظور لڪي موجب اسان ٻنهي ڌرين کي عملي سميت ٿاڻي وٺي آيا آهيون ۽ هاڻ سندن ويريفڪيشن ڪئي آهي اسان جو رابطو ڊائريڪٽر ايڪسائيز ڪراچي سان ٿيو آهي جنهن ٻنهي انسپيڪٽرن کي سومر ڏينهن پنهنجي آفيس طلب ڪيو آهي جنهن بعد ڪين آزاد ڪيو آهي.

بقايا 09

جي يو آءِ جي اڳواڻ ۽ سول سوسائٽي ۽ غوثپور شهري طرفان شهر جي بئنڪ چوڪ کان غوثپور پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڪشمور پوليس جي نااهلي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ريلي جي اڳواڻي ايس يو پي جا اڳواڻ ڪامريڊ صفيع لاشاري عبدالجبار اوڳاهي مختيار احمد اوڳاهي هندو برادري جو اڳواڻ چوڌري رميش ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ريلي ۾ شريڪ شهرين ۽ عوامي تحريڪ "ڀتا خوري بند ڪريو" "چوريون ڌاڙا بند ڪريو" "ضلعي ڪشمور جو امن امان بحال ڪرايو" "سنڌي هندن کي لڏائڻ بند ڪريو" جا نعرا هڻي رهيا هئا ريلي غوثپور شهر جي مختلف بازارن چوڪن کان ٿيندي شهر جي مئن بس اڏي واري علائقي ۾ پهتي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪشمور ضلعي ۾ امن عوام لاءِ هڪ خواب بڻجي ويو آهي افسوس آهي جو ٽن سالن کان وٺي عوام دانهون پيئي ڪري ۽ سراپا احتجاج بڻيل آهي پر پوليس ۽ چونڊيل ميمبرن ڪنن ۾ ڪپه وجهي ڇڏي آهي.

بقايا 10

سنڌ جي صدر ڪامريڊ اقبال، مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر ڪامريڊ ڪلثوم جمال ۽ ڪراچي ڪميٽي جي ميمبر ڪامريڊ حسين فاطمي ڪراچي جي شهرين، شاگرديائين، شاگردن، نوجوانن، پورهيتن، ملازمن، عورتن، دانشورن، وڪيلن، استادن، صحافين کي اپيل ڪئي آهي ته 18 فيبروري بروز اڱاري شام جو 6هين وڳين ڪراچي پريس ڪلب اڳيان پيڪا قانون، درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبي خلاف مشعل بردار ريلي ۾ شرڪت ڪري ريلي کي ڪامياب بڻائين. اڳواڻن صحافين جي تنظيم پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس ۽ سيني صحافين کي شرڪت ڪرڻ جي خصوصي اپيل ڪئي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته عوام دشمن ڪاري قانون ۽ انسان دشمن منصوبن کي فوري طور تي رد ڪرڻ جو واضح اعلان ڪيو وڃي.

بقايا 11

شهدادپور عملدارن جي نااهلي سبب بجلي جي ٿنڀي مان ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان نينگر فوت. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام حيسڪو عملدارن جي نااهلي سبب شهدادپور ويجهو ڳوٺ اسماعيل آرائين ۾ بجلي جي ٿنڀي مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 15 سالا نينگر علي دوست لنجواڻي فوت ٿي ويو جنهن جي مڙه کي شهدادپور سمس اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان قانوني ڪارروايون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ڪيس سوين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو نينگر ڏنار جو ڪم ڪندو هو.

بقايا 12

جوابدار فرار ٿي ويو چوري الزام ۾ گرفتار ڪيل جوابدار عبيد الله مرهوٽو رند پوليس اهلڪار کي ڪيرائي فرار ٿي ويو پٽ شاهه ٿاڻي تي لاڪپ ڪرڻ دوران هٿ ڪڙيون کولڻ وقت جوابدار پوليس اهلڪار کي ڌڪا ڏيئي ٿاڻي مان فرار ٿي ويو پوليس اهلڪار شبير کي ٿاٻڙجي ڪرڻ سبب ٻانهن ۾ ڌڪ لڳي ويو پٽ شاهه پوليس پاران ٿاڻي جي لاڪپ مان فرار ٿي ويل جوابدار عبيد الله مرهوٽو کي ڪيلي جي فصل سميت مختلف روڊن تي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي فرار ٿيل جوابدار مٿان ڳوٺ مٺو ڪوسو پرسان رائفل سميت ٻيو سامان چوري ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿيل آهي پٽ شاهه ٿاڻي جي لاڪپ مان جوابدار جي فرار ٿيڻ بعد اهلڪارن ۾ ٿرٿلو پئجي ويو. رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او پٽ شاهه محمد جمن ڪوسو جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪار طرفان جوابدار جون هٿ ڪڙيون کولي لاڪپ حوالي ڪيو پئي ويو ته جوابدار عبيدالله رند اهلڪار کي ڪيرائي ٿاڻي مان فرار ٿي ويو. ٻيا اهلڪار ٿاڻي اندر آفيس جي ڪمرن ۾ موجود هئا ۽ جوابدار وجهه وٺي ڀڄي ويو آهي، جوابدار ٿاڻي پرسان روڊ پرسان ڪيلي ۾ فرار ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا جاري آهي جلد ان کي هٿ ڪري ٻيهر لاڪپ حوالي ڪيو ويندو

بقايا 13

ڪڇي واري علائقي ۾ ڪاروائي، ڌاڙيلن جي سهولتڪاري جي الزام هيٺ چاچڙ برادري جا ٻه ڄڻا گرفتار، ڌوهارين جي مدد ۽ سهولتڪاري جا الزام. خبرموجب ايس ايڇ او سرحد شاهد خشڪ جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس ٽيم ڳوٺ خاوند بخش چاچڙ ويجهو ڪاروائي ڪندي ميهار چاچڙ ۽ اعجاز چاچڙ کي گرفتار ڪيو. پوليس موجب گرفتار ٿيل ٻنهي ڄڻن تي الزام آهي ته هو پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل ڌاڙيل مورو شر جو علاج ڪرائڻ ۽ ٻين ڌوهارين کي پناهه ڏيڻ ۾ ملوث هئا. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل ميهار چاچڙ ۽ اعجاز چاچڙ ڌاڙيلن جا سهولتڪار آهن. جن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي، ۽ انهن کان اهم انڪشاف ٿيڻ جا امڪان آهن پوليس موجب، ڪڇي جي علائقي ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن جاري رهندو ۽ ڌوهاري عناصر کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو. ٻئي طرف، گرفتار ٿيل ماڻهن جي وارثن پوليس جي ڪارروائي کي ناجائز قرار ڏيندي الزام لڳايو آهي ته بيگناهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اصل ڌوهاري آزاد گهمي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ وڌيڪ جاچ جاري آهي، ۽ پوليس جو چوڻ آهي ته جلد ئي وڌيڪ ڪارروايون عمل ۾ آنديون وينديون.

بقايا 14

جي حد ۾ شادي دوران چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ گولي لڳڻ ڪري معصوم نينگر فوت .هڪ عورت زخمي - پوليس جاءِ واردات تي پهچي ويي نيگر جو لاش ڪٽي پوسٽ مارٽم لاءِ ميهڙ روانو ڪيو جڏهن ته خبر موجب ڳوٺ مٽيون عاليوال ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ حاجي خان چانڊيو ۽ ٻي ڌر حاجي شيرل چانڊيو وچ ۾ شادي دوران اوطاق ۾ مهمان ويهارڻ ۽ ڪٿون ڪٽڻ تان جهيڙو ٿي پيو. فائرنگ دوران گولي لڳڻ ڪري 4 مهينن جو معصوم نيگر مالڪ پٽ مور عرف غلام رسول چانڊيو کي گولي لڳڻ ڪري ٿڏي تي فوت ٿي ويو. سندس جي امڙ زينب زال مور چانڊيو کي ٻانهن ۾ گولي لڳڻ زخمي ٿي پيي . جڏهن ته اطلاع تي فريدآباد ايس ايڇ او منور چانڊيو پوليس سان ڪري مٽيون عاليوال جهيڙي واري هنڌ پهتو تفصيل ورتا معصوم نيگر جو لاش ڪٽي پوسٽ مارٽم لاءِ ميهڙ اسپتال منتقل ڪيو

بقايا 15

ذريعن موجب فواد چوڌري شعيب شاهين کي چيو ته تون ٽائوٽ آهين، جنهن تي شعيب شاهين فواد چوڌري کي چيو ته اوهان پنهنجي ڪم سان ڪم رکو جنهن کان پوءِ فواد چوڌري شعيب شاهين کي ٿڦ وهائي ڪڍيو ٿڦ لڳڻ سبب شعيب شاهين زمين تي ڪري پيو ۽ ڪيس ٻانهن تي ڌڪ لڳا. جهيڙي دوران ٻنهي اڳواڻن هڪ ٻئي کي گاريون به ڏنيون. شعيب شاهين سان جهيڙي کان پوءِ فواد چوڌري اڊيالا جيل جي اندر هليو ويو. جڏهن ته شعيب شاهين کي سپرنٽينڊنٽ اڊيالا جيل اندر گهرائي ورتو. ياد رهي ته انهي کان اڳ به فواد چوڌري جو اينڪر مبشر لقمان ۽ سميع ابراهيم سان به جهيڙو ٿي چڪو آهي

بقايا 16

جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. عمران خان چيو ته ان حوالي سان پارٽي جي ٻن اڳواڻن کي ٽاسڪ ڏنو آهي، خط اها حقيقت آهي، جنهن تي اسٽيبلشمينٽ کي غور ڪرڻ گهرجي. اڊيالا جيل ٻاهران عمران خان جي وڪيل فيصل چوڌري ڳالهائيندي چيو ته باني رمضان المبارڪ ڪانپوءِ ڀرپور تحريڪ هلائڻ جي هدايت ڪئي آهي ان حوالي سان اسد قيصر ۽ عمر ايوب کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. هن چيو ته عمران خان مخالف ڌر پارٽين کي اعتماد ۾ وٺڻ جي به هدايت ڪئي آهي. هن چيو ته ثناءالله مستي خيل کي سياسي ڪميٽي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بقايا 17

رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي، حادثي ۾ 16 پانڌيئڙا فوت جڏهن ته 25 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. فوت ٿي ويلن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن. حادثي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو ۽ پوليس اختياريون موقعي تي پهتيون. جن لاشن ۽ زخمين کي گمبٽ ۽ رانيپور اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو مسافر بس لاهور کان هارون آباد سيوهڻ وڃي رهي هئي ته حادثو پيش آيو. مقامي ماڻهن جو وڏو انگ به حادثي واري هنڌ پهچي ويو جن انتظاميه جي مدد جي ڪوشش ڪئي. حادثي ۾ زخمي ٿيل ويلن ۾ غلام فريد، محمد ياسين، نور محمد، سلمان، فياض ڀٽي، ظهور احمد، مختيار، شير محمد، الله بخش، بشير، محمد عباس فاروق، رفيق، ناصر مجيد، بشيران، شهزاد، لطيف مظهر، ديانت شريف، سليمان، يوسف، زرينه سميت عورتون ۽ ٻارا به شامل آهن. ڪيترن ئي زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي هوڏانهن قاضي احمد پرسان آمري روڊ تي نوابشاهه کان سيوهڻ ويندڙ ميلي جي پانڌيئڙن جي تيز رفتار وين گڏهه گاڏي کي بچائيندي ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، حادثي جي نتيجي ۾ 6 مسافر فوت جڏهن ته 10 سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۽ فوتين جا لاش تعلقه اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيا ويا آهن. حادثي جي فوتين ۾ پنجاب واسي عظيم ، ظفر شيخ، بابر ۽ 78 موري جي ڳوٺ مولابخش جتوئي جو رهواسي دلدار جتوئي شامل آهن. جڏهن ته زخمين ۾ وقاص، فيض محمد، نويد شاهه، محمد معراج، اسلم ناصر ۽ ٻيا شامل آهن. پوليس موجب حادثو قاضي احمد آمري روڊ تي پيش آيو. پنجاب جي شهر بوريوالا کان زائرين ٽرين ذريعي نوابشاهه پهتا هئا جتان کان سيوهڻ شريف وڃڻ جي لاءِ وين تي سوار ٿي سيوهڻ شريف حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس ۾ شرڪت جي لاءِ وڃي رهيا هئا. فوت ٿي ويل 6 ڄڻن جي سڃاڻپ عظيم علي، ظفر علي شيخ، دلدار جتوئي، بابر علي، لطيف علي، مهراج احمد شامل آهن فوت ٿي ويل ۽ زخمين کي تعلقه اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو ويو آهي جتان کان 8 زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ پي ايم يو اسپتال نوابشاهه ريفر ڪيو ويو آهي. قلندر شهباز جي زائرين سان پيش آيل حادثي جي چيما ڪوچ جي ڊرائيور ذوالفقار احمد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوچ فيصل آباد جي آهي ۽ ان ۾ سوار زائرين جو تعلق بوريوالا ۽ آس پاس جي ڳوٺن سان آهي هن ٻڌايو ته هنن رات روهڙي ۾ درگاهه پير صدرالدين شاهه جي مزار تي گذاري ۽ صبح جو سيوهڻ وڃڻ دوران اوچتو سامهون رڪشا اچڻ ڪري ان کي بچائيندي ڪوچ ڪلٽي ٿي .هنگورجا لڳ قومي شاهراهه تي گڏيجي وٽ قلندر شهباز جي زائرين جي ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب فوت ٿيندڙن ۾ هڪ عورت سميت 10 مرد بابت ضلع انتظاميا پاران جاري ڪيل لسٽ موجب 60 سالن جو نذير احمد . 50 سالن وارو عطا محمد . 45 سالن جي راڻي خاتون. 38 سالن جو محمد شاهد . 35 سالن جي فيصل. 28 سالن جي بابرعلي . 45 سالن جي حامد علي . 25 سالن جي اصغر ڪاڪا . 45 سالن جي محمد شهزاد. 50 سالن جي محمد ياسين. 20 سالن جي اصغرعلي طور سڃاڻپ ڪئي وئي آهي جن سمورن فوتين جو تعلق پنجاب جي بوريوالا شهر سان آهي. جن جا لاش سندن اباڻي شهر موڪليا ويا .هنگورجا لڳ قلندر شهباز جي زائرين جي ڪوچ حادثي جي نتيجي ۾ هنگورجا. راڻي پور. گمس گمبٽ ۽ خيرپور اسپتال ۾ داخل زخمي ٿيل زائرين بابت انتظاميا پاران جاري ڪيل لسٽ موجب مسمات نذيران بي بي. سلمان شهزاد. امتياز علي. ظفر اقبال. محمد اڪرم . مختيار احمد . محمد نذير. محمد اسلم. احمد بخش. تنوير بي بي . جنت بي بي . محمد رياض . وزيران . بلاول . سجاد علي. افتخار احمد. ريحان علي . عباس علي. محمد بشير. محمد آصف . نذر احمد . عبدالحمد . اڪرم . ظفر. قمر . فرحاد . غفور . رياض . نتاشا . مبارڪ علي. عبدالرئوف. زرينہ. وحيده . مجيده . امتياز. اقبال . يوسف سميت ٻيا شامل آهن جن کي مذڪوره اسپتالن ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي جن ۾ ڪجهه زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي انتظاميا موجب جن مان نازڪ حالت وارن زخمين کي ضرورت پوڻ تي ڪراچي سميت ٻين وڏين اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويندو جنهن جا پڻ انتظامات ڪيا ويا آهن .سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه. رانيپور ۾ لعل شهباز قلندر جي زائرين جي ڪوچ جي روڊ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن فوت ٿيل زائرين جي وارثن سان دلي تعزيت ڪندي انتظاميا کي سندن هر ممڪن مدد ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي. وڏي وزير انتظاميا کي هدايت ڪئي ته زخمين جي بهترين علاج کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سمورين ضروري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن لاڳاپيل ادارن کان حادثي جا تفصيل پڻ طلب ڪيا ويا آهن زائرين سان پيش آيل حادثي تي علائقي جي سياسي سماجي شخصيتن سينيٽر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري . ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني جاري ڪيل بيان ۾ گهري ڏک جو اظهار ڪندي فوت ٿيلن جي وارثن سان دلي ڏک ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي

بقايا 18

انصاري هو پاڻ 25 ڊسمبر 1956ع تي ميان جي الهڏنو انصاري جي گهر ۾ بدين جي ڳوٺ ابل وسي ۾ ڄائو هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم بدين مان حاصل ڪئي ۽ 1984ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪئي. ڪاليج جي زماني کان ئي، هو قومي ۽ ترقي پسند شاعر طور مشهور ٿيو ۽ کابي ڌر جي سياست ۾ عوامي تحريڪ جي شاگرد محاذ سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ سرگرم رهيو ۽ ايل ايم سي ۾ ٿيندڙ فنڪشن هن جي شاعري ۽ شموليت کانسواءِ ادورا هوندا هئا سندس شاعري جلاوطن جلاوطن ان دور ۾ وڏي مڃتا ماڻي 1986 ۾ کابي ڌر جي وڏي پارٽي اي اين پي ۾ سرگرم رهيو خان عبدالولي خان به سندس بدين واري گهر تي اچي سائس ڪچهريون ڪيون جنهن کان پوءِ پاڻ بدين مان ايم اين پي جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي چونڊ ۾ حصو ورتو

بقايا 19

مزاحمتي انقلابي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري سڙي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس پٽ زخمي ٿي پيو آهي، رپورٽ موجب سنڌ جي انقلابي مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي گهر کي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي جنهن سبب ڊاڪٽر آڪاش انصاري سڙي فوت ٿي ويو. پوليس طرفان واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي اوچتي وڇوڙي تي سڄي سنڌ ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي آهي. ڊاڪٽر آڪاش انصاري ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ ڪيئن رهان جلاوطن تمام گهڻي مقبوليت ماڻي جڏهن ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي شاعر پسنڌ جي ڪيترن ئي نالن وارن فنڪارن ڳائي آهي، محمد يوسف، سرمد سنڌي، ديبا سحر بادل راهي، صنم ماروي ۽ ٻين جي آوازن ۾ ڳايل ڪلام تمام گهڻو مشهور ٿيا. ڊاڪٽر آڪاش انصاري تازو چار ڏينهن اڳ ڪتابن جي اسٽال تي اسسٽنٽ ڪمشنر جي چڙهائي خلاف سخت احتجاج پڻ ڪيو هو جنهن تي اسسٽنٽ ڪمشنر کي معافي وٺڻ تي مجبور ٿي ويو. سندس اوچتي وڇوڙي تي سموري سنڌ ۾ ڏک جي لهر پکڙيل آهي هوڏانهن سنڌ جو پلوڙ شاعر آڪاش انصاري حيدرآباد واري گهر ۾ پراسرار نموني سڙي فوت سڄي سنڌ ۾ سوڳ ڇانئجي ويو سڃاڻ ڌرين طرفان واقعي جي جاچ جو مطالبو ايس ايس پي حيدرآباد طرفان واقعي جي جاچ لاءِ جاچ ڪميٽي جوڙي وئي سوين اکين سان بدين ۾ تدفين بدين سان تعلق رکندڙ سنڌ جو پلوڙ شاعر اديب ۽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر آڪاش انصاري حيدرآباد ۾ هيبي هومز واري علائقي ۾ مسواڙ واري جڳهه ۾ باهه لڳڻ سبب فوت ٿي ويو جڏهن ته سائس گڏ رهندڙ پٽ لطيف انصاري ۽ ڊرائيور مبينا طور ڪيس بچائيندي زخمي ٿي پيا آهن اهڙي اطلاع تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم هيبي هومز پهچي ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي مڙه ۽ زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو جتي قتل خدشي سبب لاش جو پوسٽ مارٽم پڻ ڪيو ويو لاش وارثن حوالي ڪيو جڏهن ته صبح جو سوير ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي فوت ٿيڻ جي خبر سڄي سنڌ م جهنگ جي باهه جيان پکڙجي وئي سڄي سنڌ ۾ سوڳ ڇانئجي وئي ٻئي طرف ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي پراسرار موت تي بدين سان تعلق رکندڙ سڃاڻ ڌرين طرفان جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي ٻئي طرف ايس ايس پي حيدرآباد ڊاڪٽر فرخ علي طرفان ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي گهر کي مبينا طور باهه لڳڻ جي جاچ لاءِ ايس پي هيڊ ڪوارٽر مسعود اقبال جي سربراهي ۾ جاچ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن ۾ ڊي ايس پي بلديه عنايت قريشي ايس ايڇ او بلديه غلام عباس ٻهر ايس ايس پٺائي نگر غلام اصغر تنيو انويسٽيگيشن آفيسر پٺائي نگر طاهر خانزاهه کي شامل ڪيو ويو ايس ايس پي موجب ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي رهائش گاهه کي باهه لڳڻ جي جاچ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان جاچ ڪئي ويندي ٻئي طرف ڊاڪٽر آڪاش انصاري جو مڙه بدين پهچڻ تي شهر ۾ سوڳ ڇانئجي ويو شهر بند ٿي ويو سوين شهرين حيدرآباد روڊ تي پهچي پير چوڪ وٽ سندس مڙه کي سلامي ڏني جڏهن ته مرحوم کي سوين اکين سان سندس وصيت موجب درگاهه شيخ عمر جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مزاحمتي، انقلابي ۽ رومانوي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي پوسٽ مارٽم جي ابتدائي رپورٽ جاري، ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي جسم تي ڇرين جي وار جهڙا اونها ۽ وڏا زخم هئڻ جو انڪشاف. رپورٽ ۾ سندس مٿان ڇرين جا وار ڪيا ويا آهن. ڇرين جا ڇاتي تي زخم موجود آهن ٻنهي ڦڦڙن تائين به زخم آهن. ڳلي تي ڇري جو زخم هجڻ سان گڏ سندس مٿڪي واري هڏي به ڪيپل هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، ڳچي ۾ 6، ڇاتي تي 4، پيٽ تي 3، پٺيءَ تي هڪ، ٻانهن ۽ ٽنگ تي به هڪ هڪ ڇري جو زخم آهي. پوسٽ مارٽم جي ابتدائي رپورٽ موجب ڊاڪٽر آڪاش مزاحمت نه ڪئي. جنهن مان لڳي ٿو ته ڪيس ننڊ سمهاري ڇرين جا وار ڪيا ويا آهن. هي ڪارروائي هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جي لڳي ٿي. ذريعن موجب فارنزڪ رپورٽ ڪانپوءِ ئي پوسٽ مارٽم جي حتمي رپورٽ جاري ڪئي ويندي. ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي ڪالهه صبح گهر اندر بيڊ روم ۾ باهه لڳڻ وارو واقعو پيش آيو جنهن ۾ باهه لڳڻ جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو 1122 جي ٽيم پهچي باهه تي ضابطو ۽ باهه لڳڻ سبب سڙي زخمي ٿيڻ سبب فوت ٿيل ڊاڪٽر آڪاش انصاري جو لاش سول اسپتال آندو ويو. جتي جو بنا پوسٽ مارٽم جي اباڻي شهر بدين کڻايو پئي وڃي، جنهن تي پوليس پاران سندس مائٽ احسان سان رابطو ڪري فوت مارٽم ڪرڻ لاءِ چيو ۽ لاش کي ٻيهر پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل آندو ويو جتي پوسٽ مارٽم ٿيو. پوسٽ مارٽم جي آيل شروعاتي رپورٽ ۾ جسم جي مختلف حصن تي ڇرين جا وار ٿيڻ سبب زخمي هئڻ جو انڪشاف ٿيو جڏهن ته پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ ڊاڪٽر آڪاش جي مڙه کي وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا 20

ميرا ڇڏيا آهن ميرا جي شادي ٿيل آهي جڏهن ته پٽ شاهه لطيف سائس زخمي ٿيل آهي جنهن جي حالت سڌرندڙ ٻڌائي پئي وڃي

بقايا 21

پنهنجي نياڻل پٽ سان ملڪيت ۽ گهرو مسئلن تي تڪرار هلندڙ هو ان ڏس ۾ هڪ نالي واري ليکڪ ۽ ڪالم نگار سوشل ميڊيا تي ذريعي دعوا ڪئي آهي ان شخص ڊاڪٽر جي اي ٽي ايم ڪارڊ ذريعي 40 لک ڪڍيا جنهن جي ايف آئي آر به حيدرآباد ۾ داخل آهي جڏهن ان واقعي بعد ڪيس ڌمڪيون به مليون هيون

بقايا 22

انصاري جي گهر ۾ باهه لڳڻ سبب لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي واقعي جا تفصيل طلب ڪري ورتا آهن. وڏي وزير انتظاميا کي هدايت ڪئي آهي ته هن واقعي جي ترت جاچ ڪئي وڃي ۽ مڪمل رپورٽ پيش ڪئي وڃي. وڏي وزير چيو ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري جون ادبي ۽ ثقافتي خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري سنڌي ادب جو هڪ روشن ستارو هو جنهن جي شاعري ۽ عوام جي دلين ۾ خاص جاءِ ناهي. وڏي وزير دعا ڪندي چيو ته رب العالمين مرحوم آڪاش انصاري جا درجات بلند ڪري ۽ مرحوم جي ڪٽنب کي صبر جميل عطا فرمائي.

بقايا 23

تنظيمن توڙي ادبي لڏي ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي. سنڌ جي مزاحمت تي اڳواڻ اختر بلوچ، اڳوڻي ايم پي اي غلام قادر پليجو اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو سنڌ جي نالي واري عوامي، انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري هڪ انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر هو. جنهن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي مزاحمتي شاعري ذريعي وڏي سگهه ۽ همت ڏني مزاحمت کي تيز ڪيو. سندس اوچتي فوت ٿيڻ پوري سنڌي قوم لاءِ وڏي صدمي ۽ افسوس جي ڳالهه آهي. ڊاڪٽر آڪاش انصاري جهڙا شاعر صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ سنڌ هڪ وڏي عوامي، مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر کان محروم ٿي وئي آهي، سندس علمي پورهيئي ۽ ڌرتي سان محبت واري ڪردار کي هميشه ياد رکيو ويندو. سندس وڇوڙي تي ڏک رسيو آهي. سندس وڇوڙي سان سنڌي ادب ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي. سسئي پليجو ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي تي سندن وارثن سان گهري ڏک جو اظهار ڪندي سائن تعزيت ڪريون ٿا. هوڏانهن جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئنور ۽ محمد علي خشڪ چيو آهي ته سنڌ جي انقلابي شاعر آڪاش انصاري جي پراسرار موت جي اڻڌري جانچ ڪرائي وڃي. سندس موت کي سنڌ جي ادبي، سماجي ۽ سياسي دنيا جو وڏو نقصان سمجهون ٿا. آڪاش انصاري جي شاعري سنڌ جي ٻن نسلن کي متاثر ڪيو ۽ سياسي دنيا ۾ تمام گهڻو اتساهه پيدا ڪيو جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران ڪيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. سنڌ سندس شاعري کي امرتا بخشي آهي ۽ اها ڪڏهن به وسري نٿي سگهي. سنڌي شاعري جي آڪاش تي جهرڪندڙ چنڊن آڪاش انصاري ۽ ذوالفقار سيال اسان کان هميشا هميشا لاءِ وڇڙي ويا آهن . انهن جي موت سان پيدا ٿيل خال ترت ڀرجڻ نهايت ڏکيو آهي -اهڙو اظهار سکر سماجي فورم جي جنرل سيڪريٽري سنيير صحافي ۽ شاعر مجيد نواز مغل انهن ٻنهي سنڌي شاعرن جي اوچتو وفاتن تي فورم طرفان سکر ۾ گهرايل تعزيتي ريفرنسز کي خطاب ڪندي ڪيو.هن چيو ته سنڌي شاعري شيخ اياز استاد بخاري جي موت بعد وري هڪ ڀيرو يتيم ٿي ويي آهي - انهن جو موت سنڌ جي ادبي دنيا لاءِ وڏو سانحو آهي - هن وڌيڪ چيو ته انهن ٻنهي ناليواري شاعرن نقادن ۽ دانشورن جي ڪيل ادبي خدمتون هميشا ياد رکيون وينديون.انهن جي ادبي ورثي کي سنڀالڻ ۽ ڇپائڻ لاءِ مختلف ادارا ۽ شخصيتون عملي ميدان ۾ اچن ۽ ان تي مڪمل تحقيق ڪرايي انهن جي شخصيتن ۽ ادبي لکڻين کي شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.اها ئي انهن جي لاءِ حقيقي مڃتا هوندي- سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم نظر امر لاءِ انهن ٻنهي اديبن لکيو - جنهن کي گلي گليءَ ۾ گيت بڻائي ڳاتو ويو. ان موقعي سعيد احمد زاهد گولي حفيظ همدرد ۽ ٻين پڻ انهن ٻنهي اديبن جي ادبي خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪيي. تقريب جي شروعات ۾ احترامن ٻن منٽن جي خاموشي پڻ اختيار ڪيي ويي.

بقايا 24

شروع ڪيو ويو. چولستان ۾ گرين پاڪستان منصوبي جي شروعات تي ڪنداڻي ۽ شاپو جي علائقن ۾ منصوبن جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، رپورٽ موجب گرين مال اينڊ سروس ڪمپني، اسمارٽ ايگري فارم زرعي تحقيق ۽ سهوليت مرڪزجو افتتاح به ڪيو ويو تقريب ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نوازشريف به خصوصي طور تي شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو ته پنجاب پاڪستان جو زرعي پاور هائوس بڻجي ويو آهي. جديد زراعت ۾ پنجاب صوبي ۽ هتي جي هارين جو ڪردار تعريف جوڳو آهي. آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير مختصر وقت ۾ پنجاب حڪومت جي گرين ڪارپوريٽ منصوبي جي تحت ڪاوشن ۽ حاصل ٿيندڙن ڪاميابين جي تعريف ڪئي. آرمي چيو ته گرين ڪارپوريٽ منصوبي جي تحت مختصر وقت ۾ اهي ڪاميابيون حوصلو ڏيندڙ ترقي جي خوشخبري آهي، فوج ملڪ جي معاشي ترقي جي عمل ۾ حمايت جاري رکندي. پنجاب ۾ شروع ڪيل زراعت کي جديد بنائڻ جي منصوبي تحت هارين کي سمورين زرعي سهولتون هڪ ڇت جي هيٺان ڏنيون وينديون هارين کي برونز سميت زرعي مشينري رعايتي اگهن تي دستياب هونديون. تقريب ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نوازشريف کان علاوه نيشنل فوڊ سيڪيورٽي ۽ تحقيق جي وفاقي وزير رانا تنوير حسين، وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ به شريڪ ٿيا. پنجاب جي سينئر صوبائي وزير مريم اورنگزيب، زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ جو وزير سيد عاشق حسين ڪرماڻي، آبپاشي وارو وزير محمد ڪاظم پيرزاده کان علاوه لاڳاپيل وفاقي ۽ صوبائي سيڪريٽري به موجود هئا. گرين ايگري مال اينڊ سروس سروس ڪمپني هارين کي انهن جي گهر جي دروازي تي معياري ٻج، ڀاڻ، زهريليون دوائون، رعايتي اگهن تي ڏنيون ويندين. هڪ ڇت هيٺان هڪ ڪمپني ذريعي هارين کي زراعت بابت سمورين سهولتون ملي سگهنديون. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته چولستان ۽ پنجاب ۾ اڄ جديد زراعت جي انقلاب جي بنياد رکي وئي آهي، اڄ انهن منصوبن جي شروعات پنجاب جي هارين جي ترقي جي هڪ نئين سفر جي شروعات آهي، زراعت جي ترقي هارين جي ترقي ۽ پاڪستان جي خوشحالي جي ضمانت آهي. هن چيو ته گرين پاڪستان جديد زراعت کي هٿي ڏيڻ جو انقلاب آهي، پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف شهيدن جي ٻارن ۽ زخمي ٿيندڙ غازين کي زمين جي الاٽمينٽ جا ليٽرز به ڏنا.

بقايا 25

چين جي دوري جي موقعي تي چيني سرڪاري ميڊيا کي ڏنل انٽرويو ۾ صدر آصف زرداري چيو ته گذريل ڪجهه ڏهاڪن دوران چين جي تيز رفتار ترقي ۽ تبديلي مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. صدر زرداري چيو ته چين جي هر شخص جو پنهنجي شعبي ۾ بهترين ڪم، قومي جي اجتماعي فائدي جو سبب بڻجي رهيو آهي. هن چيو ته چين جو عروج هڪ مثبت اڳڀرائي آهي، انهي کان ڊڄڻ جي ضرورت نه آهي. اسان ڏهاڪن کان چين جي پاڙيسري هجڻ جي ناتي ڄاڻون ٿا ته چين ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت نٿو ڪري. چيني پرڏيهي پاليسي جي تعريف ڪندي صدر زرداري چيو ته اهو خطي ۾ استحڪام جو ذريعو آهي، انهي کان علاوه صدر زرداري پاڪ چين دوستي، اقتصادي ۽ سفارتي تعاون کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ تي زور ڏنو.

بقايا 26

بل ٻيهر سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ، صوبائي سرڪاري نوڪرين جي عمرجي حد ۾ پنج سال واڌڻ، سومر واري ڏينهن کان هٿيارن جي نمائش، غير رجسٽرڊ گاڏين، بنا لائسنس جي گاڏي هلائڻ وارن خلاف سخت ڪارروائين ۽ گرفتارين جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ ڪابينا صوبائي سرڪاري نوڪرين جي عمرجي حد پنجن سالن تائين وڌائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، سرڪاري نوڪرين تي پابندين کي نظر ۾ رکندي سنڌ ڪابينا پاران اهو فيصلو ڪيو ويو آهي، اهو فيصلو سنڌ پوليس ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جي سي سي اي نوڪرين تي لاڳو نه هوندو. جڏهن ته پبلڪ سروس ڪميشن جي ٻين نوڪرين جي لاءِ عمرجي حد ۾ پنج سال واڌ ڪئي وئي آهي، اڳ ۾ سرڪاري نوڪري جي لاءِ عمرجي حد 28 سال مقرر ٿيل هُئي، جنهن کي وڌائي 33 سال ڪيو ويو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان سميت سڄي دُنيا ۾ انفلوئنزا جي بيماري تيزي سان پکڙجي رهي آهي، اُن لاءِ منهنجي عوام کي گذارش آهي ته جهڙي ريت احتياطي تدبيرون اختيار ڪندي اسان ڪووڊ کي شڪست ڏني، اهڙي ريت هن بيماري ۾ به احتياطي تدبيرون اختيار ڪن. سماجي فاصلو رکن، ماسڪ پائن ۽ هٿ ملائڻ کان پاسو ڪن. ڳلي جي خراش سان شروع ٿيندڙ هي بيماري احتياط نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڦڦڙن کي سخت متاثر ڪري سگهي ٿي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ اسيمبلي امل عمر ايڪٽ پاس ڪيو هو. ماڻهن کي شايد ان بابت علم ناهي، هي ايڪٽ سڄي صوبو ۾ نافذ العمل آهي. ڪنهن سان به ڪو حادثو پيش اچي ٿو ڪنهن کي گولي لڳي وڃي ٿي، يا ڪو ڪنهن حادثي يا واقعي ۾ زخمي ٿئي ٿو ته ضروري ناهي ته اُن کي سرڪاري اسپتال آندو وڃي، اُن کي ڪنهن به ويجهي خانگي توڙي سرڪاري اسپتال ۾ کڻي وڃي سگهجي ٿو ، اُتي ڪيس هر قسم جون سهولتون ڏنيون وينديون ۽ سنڌ سرڪار سمورا خرچ برداشت ڪندي. هن چيو ته سنڌ سرڪار پاران امل ايڪٽ ٺاهڻ جو مقصد اهو آهي ته ڪنهن سان به ڪو حادثو پيش اچي ته اوڪنهن به خانگي اسپتال ۾ وڃي سگهي ٿو جتي ڪانئس ڪنهن به قسم جو سرٽفڪيٽ نه گهريو ويندو. گولي لڳڻ جي ڪري زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ ڪا پوليس رپورٽ نه گهري ويندي، جيڪو علاج ٿيندو اُن جو خرچ سنڌ سرڪار برداشت ڪندي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ اسيمبلي جيڪي بل پاس ڪري گورنر سنڌ کي اماڻيا هُئا، گورنر سنڌ اهي بل اعتراضن سان واپس موڪليا هُئا. سنڌ ڪابينا گورنر سنڌ جي اعتراضن کي غور سان پڙهيو ۽ اُنهن جو جائزو ورتو. سنڌ ڪابينا گورنر سنڌ جي سمورن اعتراضن کي رد ڪري ڇڏيو هاڻي اُهي بل ٻيهر سومر واري ڏينهن سنڌ اسمبلي ۾ پيش ڪيا ويندا ۽ انشاالله اهي بل ٻيهر پاس ٿي ويندا ۽ اُهي ٻيهر گورنر کي موڪليا ويندا. هن چيو ته اسان جي اسٽينڊنگ ڪميٽيز ۾ متحده قومي موومينٽ به شامل آهي، ڪجهه بل اهڙا به هُئا، جن ۾ متحده جي رضامندي شامل هُئا ۽ ڪجهه بل اهڙا هُئا جيڪي سنڌ اسيمبلي اتفاق راءِ سان منظور ڪيا هُئا، اُن باوجود اُنهن بلن تي اعتراض هُئا. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سومر واري ڏينهن کان هٿيارن جي نمائش تي سختي سان پابندي هوندي، سومر واري ڏينهن کان ڪو به شخص هٿيارن جي نمائش ڪندي نظر آيو ته اُن کي گرفتار ڪيو ويندو. سادن ڪپڙن ۾ به پوليس سميت ڪنهن به فورس جو اهلڪار هٿيارن جي نمائش ڪندي ڏٺو ويو ته اُن کي گرفتار ڪيو ويندو. غير رجسٽرڊ گاڏين کي به تحويل ۾ وٺڻ جو سلسلو سومر واري ڏينهن کان شروع ٿي ويندو. ڪنهن به شوروم مان ڪابه گاڏي اُن وقت تائين نه ٿي نڪري سگهي جيستائين اُها رجسٽرڊ نه ٿي وڃي. سنڌ اسمبلي اهو بل پاس ڪيو آهي، پاڪستان ۾ واحد سنڌ اسيمبلي ئي اهڙو قانون پاس ڪيو آهي.

بقايا 27

25 سالن جو نوجوان وقار علي پٽ سلطان مشوري قتل، قاتل عبدالقيوم ڀٽي کي پوليس جوڊيشل ڪامپليڪس نوشهرو فيروز پرسان گرفتار ڪري ورتو آهي، جيڪو ڳوٺ ليمون شاهه جو رهائشي آهي. قاتل جو موقف آهي ته وقار علي جو پيءُ سلطان مشوري ڊسٽرڪٽ جيل تي اي ايس آءِ آهي جتي هو منهنجي پيءُ تي تشدد ڪندو هو

بقايا 28

به بند ٿي ويو آهي جنهن سبب وارث سخت پريشان آهن گم ٿي ويل جونگل واسي جي حد جي ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي آهي لاپتا ٿي ويل غلام حيدر ٻرڙو جي پٽ علي حسن ٻرڙو اوير پريس سچل ڳوٺ ۾ صحافين کي ٻڌايو ته منهنجو والد 9 فيبروري تي گهران ڪم سانگي ٻاهر ويو ته واپس نه آيو آهي ۽ هن جو فون نمبر به مسلسل بند آهي اسين سڀ گهر ڀاتي والد جي گمشدگي سبب تمام گهڻا پريشان آهيون اسين آئي جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪريون ٿا ته والد جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا 29

۾ مختلف پارٽين جي پنجاهه کان وڌيڪ ڪارڪنن ايس ٽي پي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جي موجودگي ۾ ايس ٽي پي ۾ باضابطا طور تي شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو خبرموجب ڪراچي جي سچل ڳوٺ جي بينظير ڀٽو پبلڪ لائبريري ۾ مختلف پارٽين سان لاڳاپيل اڳواڻ ڪارڪن اعجاز سامٽيو، جمال الدين مگسي، ڊاڪٽر شبير راڄپر، اصغر ڪوسو، شاد ڪوسو، منير ابڙو، اشفاق سهتو ٻين چانڊيو رياض ميراڻي سميت پنجاهه کان وڌيڪ ماڻهن ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جي موجودگيءَ باضابطا طور تي ايس ٽي پي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڊاڪٽر قادر مگسي طرفان شموليت ڪندڙن کان وفاداري جو حلف ورتو ويو ان موقعي تي مختلف ماڻهن جي ايس ٽي پي ۾ شموليت واري تقريب کي خطاب ڪندي ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته شموليت ڪندڙ دوست پارٽي جي دوستن سان گڏجي ڪراچي اندر ايس ٽي پي کي وڌيڪ مضبوط ڪندا ۽ پنهنجن سنڌي ماڻهن سان هر ڏک سک ۾ گڏ انهن جا ٻانهن ٻيلي ٿيندا هن چيو ته مون کي فخر آهي ته شاگرد دور کان وٺي فقط عوامي سياست ڪئي آهي نه ڪي پنهنجي ذات لاءِ سنڌوديش جي سياست سائين جي ايم سيد جي دور کان ڇڏي هئي الزام لڳايا پيا وڃن ته ڊاڪٽر قادر مگسي وڪامجي ويو آهي اسان کي ڪو به خريد ڪرڻ وارو پيدا نه ٿيو آهي هڪ سازش تحت اهڙا الزام لڳايا پيا وڃن جيئن اسان جي بهتر منظر سياست اڳتي وڌي نه سگهي مگر سازشون ڪندڙ سازشون ڪن هن جي قوم جي خدمت ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندا رهنداسين اسان پنهنجي ننگن ڏنگن جي حفاظت ڪندا رهنداسين ٻئي نظام ڪئنال ڪڍڻ سميت هر سنڌ دشمن منصوبن جي خلاف آواز اٿاريو آهي جدوجهد جي صف اول ۾ بيٺل آهيون ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ ڪڍڻ ڪو نه ڏينداسين ڇاڪاڻ جو پاڻي اسان جي جياپي جو ذريعو آهي هن چيو ته هن معاملي ۾ جيڪڏهن اسان ڪنهن به قسم جي سستي ڪئي جيڪڏهن ڪئنال ٺهي ويا ته پوءِ ياد رکجو اسان به پاڻي کانسواءِ رهي نه سگهنداسين سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻ پوندو ڇاڪاڻ جي 6 ڪروڙ جي زندگي موت جو مسئلو آهي عوام ساٿ ڏئي ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ ٺاهڻ ڪو نه ڏينداسين ان موقعي تي پارٽي اڳواڻن گلزار سومرو، حيدر شاهاڻي، ڊاڪٽر احمد نوناري، حوت خان گاڏهي، عاشق ٿهيم، غلام علي بليدي صلاح جلباڻي سميت ٻيا اڳواڻ موجود هئا

بقايا 30

۾ شامل پي ايس ٽي اميدوارن پاران نوڪريون نه ملڻ خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو پريس ڪلب ٺٽو اڳيان محمد علي شر سيد عباس شاهه، عادل عليم، عبدالله سومرو، عزيز ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته ضلعي ٺٽي جي تعليم کاتي جي انتظاميه ضلعي ۾ بادشاهت قائم ڪندي نوجوانن جي حقن تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي، ضلعي ۾ سوين سيٽون اڃان تائين خالي پيل آهن پر انتظاميه انهن سيٽن کي لڪائي اهل اميدوارن سان ناانصافيون ڪري رهي آهي، خدشو آهي ته لڪايل سيٽن تي ٻاهرين ضلعن ۽ صوبن جي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويندو، هنن مطالبو ڪندي چيو ته ضلعي جي نوڪرين جي خالي پيل سيٽن کي ظاهر ڪري شفاف طريقي سان ٺٽي ضلعي نوجوانن کي نوڪرين ۾ ڀرتي ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 31

خوني تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ قومپرست اڳواڻ ناياب سرڪش ۽ سيد علي اڪبر شاهه ناري وارو جي اڳواڻي ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهرين ۽ مقامي ماڻهن پاران ميڙ منٿ قافلو وٺي جهيڙيندڙ ڌرين وٽ پهتا ڪين فيصلي ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي وئي خبر موجب ميهڙ پرسان ڪولي ڪوڪر ۾ پرٽ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جاري خوني تڪرار وارو مامرو ، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهرين پاران ميڙ منٿ قافلو سيد علي اڪبر شاهه آف ناري. قوم پرست اڳواڻ ناياب سرڪش سنڌي ، اڳوڻي ضلعي چيئرمين سردار اشرف سولنگي ، شوڪت ٻٽو ، جي ڊي اي اڳواڻ سردار عاشق زئنور ، غلام نبي قمبراڻي جي اڳواڻي ۾ ميڙ منٿ قافلو ڌرين وٽ پهتو ڌرين کي فيصلي لاءِ راضي ڪرڻ جي گذارش ڌرين پاران مثبت موٽ، واضح رهي ته پرٽ برادري جي ٻن ڌرين جي وچ ۾ زرعي زمين جي مالڪي تان جاري تڪرار سبب 2 ڄڻا قتل ۽ 5 ڄڻا زخمي ٿي چڪا آهن تڪرار سبب سنڌي ٻٽڙا وارو علائقو نوگو ايريا بڻيل آهي ،

بقايا 32

/ (امتياز علي سومرو) جسقم آريسر پاران سنڌو تي 6 نوان ڪئنال اڏڻ سميت سمورن سنڌ دشمن منصوبن ، سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي کڻي ڪئي گم ڪرڻ خلاف سکر کان ڪراچي ڏانهن پيادل قافلو ٽنڊو محمد خان جي بلڙي شاهه ڪريم روڊ پرسان ڳوٺ ۾ رات ترسڻ ڪانپوءِ قافلو جسقم چيئرمين اسلم خيرپوري، اسماعيل نوتڪاڻي، وحيد سنڌي، امير باغي، ڪرن نظاماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ڪندي بلڙي شاهه ڪريم شهر پهچي ويو جتي قومپرست ڪارڪنن گلن جي ورکا سان شاندار آجيان ڪئي، بلڙي شاهه ڪريم شهر جي شهيد بلو چوڪ تي سوين ڪارڪنن جي ميڙاڪي کي اڳواڻن مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌو تي نوان 6 ڪئنال اڏڻ هڪ صوبي جي غيرآباد چولستان جي واريءَ بنجر زمين کي آباد ڪري سنڌ جي لکين ايڪڙ آبادي واري سرسبز زمين کي بنجر بڻائي ريگستان ڪرڻ جي اهڙي سازش رٿي وئي آهي جنهن سان سنڌ جي زراعت صدين تائين تباهه برباد ٿي ويندي، سنڌ جو عوام پيئڻ جي پاڻي لاءِ تڙپي تڙپي پنهنجون حياتيون وڃائڻ تي مجبور ٿي ويندو جنهن سازش کي سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو، پنهنجي جياپي جي جنگ هاڻي روڊن رستن تي اچي وڙهڻ لاءِ تيار آهي، سنڌ دشمن قوتن کي هاڻي اهو سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جا ڇاوا قومي ڪارڪن کڻي ڪئي گم ڪري قتل ڪرڻ جا واقعا هاڻي برداشت نه ڪيا ويندا. سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون غير ملڪي ڪمپنين حوالي ڪري سنڌ جي عوام کي پنهنجي ڌرتي تان بي دخل ڪرڻ جو منصوبو سٽيو وڃي پيو سنڌ جي پيداواري وسيلن گئس تيل جي رائلٽي مان سنڌ کي پنهنجو حصو ڏيڻ بدران وفاق اڃا نالي ۾ هڪ صوبي کي ترقي ڏياري وڃي پئي، سکر کان نڪتل پيادل قافلو هاڻي پنهنجي منزل ڏانهن اڳتي وڌي رهيو آهي، ڪراچي پهچڻ تائين ڪا به رڪاوٽ قبول نه ڪئي ويندي ، ڪراچي پهچي سنڌو تي 6 نوان ڪئنال اڏڻ ۽ ٻين سنڌ دشمن منصوبن خلاف وري ڀرپور تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو. بلڙي شاهه ڪريم ۾ رات ترسڻ ڪانپوءِ پيادل قافلي جا پانڌيڙا وري اڄ سجاول ڏانهن پنهنجو پيادل سفر شروع ڪندا .

بقايا 33

بابت معلومات وٺي وارثن کي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو چيو ته لاڙڪاڻي ۾ جيڪو غنڊه راڄ ٿيو آهي ان سلسلي ۾ مان پهچي زخمي، مکي ۽ زخمين جي وارثن سان ملاقات ڪئي، هن چيو ته سنڌ جي اندر ڌاڙيل انڊسٽريز کي سرڪاري سطح تي سپورٽ ڪري سنڌ حڪومت اسٽريٽ ڪرائيم، ڌاڙيل انڊسٽريز ۽ غنڊه راڄ ۾ اضافو ڪيو آهي. جيئن سنڌ ۾ ڪرپشن راڄ ۽ منشيات راڄ اضافو آهي تيئن سڄي سنڌ ۾ هڪ لاقانونيت ۽ غنڊه راڄ جو آهي جيڪو قابل مذمت آهي جو هر روز سنڌ جا معصوم شهري ۽ ماڻهو روڊن رستن تي اغوا ته ٿين ٿا پر شهرن، دڪانن ۽ ڪاروبارن تي وينلن کي گولين جو نشانو بڻايو ٿو وڃي جيڪو لاڙڪاڻي ۾ هنن معصومن سان ٿيو آهي. هن چيو ته سنڌي هندو خاص ڪري ٽارگيٽ ڪيا وڃن ٿا ته جيئن هو ڌرتي ڇڏين جيڪي ڌرتيءَ جا وارث آهن. پرامن سنڌ جا شهري پنهنجي گهرن، دڪانن ۽ ڪاروبار ۾ به زنده نه رهي سگهن ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي تباهي آهي تنهن ڪري جيئي سنڌ محاذ طرفان 18 فيبروري تي لاقانونيت، بدامني ۽ لاڙڪاڻي ۾ پيش آيل واقعي ۾ ملوث ڌوهارين کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف عام هڙتال ڪيو ويندو جيڪڏهن ڌوهن جو خاتمو آڻي ڌوهارين کي گرفتار نه ڪيو ويو ته پي صورت پوري سنڌ ۾ شٽرڊائون هڙتال جو سڏ ڏينداسين ان لاءِ سنڌ جي ٻين سياسي ڌرين سان به ڳالهائينداسين ته جيئن گڏيل احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرتي هٽي هڙتالون ڪيون ڇاڪاڻ سنڌ جي شهرن کي پنهنجي ئي گهرن ۾ غيرمحفوظ ڪيو ويو آهي.

بقايا 34

انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري هڪ انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر هو. جنهن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي مزاحمتي شاعري ذريعي وڏي سگهه ۽ همت ڏني مزاحمت کي تيز ڪيو. سندس اوچتي فوت ٿيڻ پوري سنڌي قوم لاءِ وڏي صدمي ۽ افسوس جي ڳالهه آهي. ڊاڪٽر آڪاش انصاري جهڙا شاعر صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ سنڌ هڪ وڏي عوامي، مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر کان محروم ٿي وئي آهي، سندس علمي پورهيئي ۽ ڌرتي سان محبت واري ڪردار کي هميشه ياد رکيو ويندو. سندس وڇوڙي تي ڏک رسيو آهي. سندس وڇوڙي سان سنڌي ادب ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي. سسئي پليجو ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي تي سندن وارثن سان گهري ڏک جو اظهار ڪندي سائن تعزيت ڪريون ٿا.

بقايا 35

جي بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مسمات شبانا زال سانول ملاڻو پنهنجي مڙس سان گڏ احتجاج ڪندي چيو ته مون پنهنجي نياڻي شمائلا جو رشتو پنهنجي برادري ۾ طئي ڪيو هو پر برادري پاران رشتو وٺڻ کان انڪار ڪرڻ بعد مون رضا خوشيءَ سان پنهنجي نياڻي جو رشتو برادري کان ٻاهر اشفاق سهتو سان ڪري ڇڏيو جنهن بعد منهنجي برادري جا ماڻهو مرزو ملاڻو ڏٽي بخش، نواز علي، ملوڪ حضورو ملاڻو قربان خليل ملاڻو ۽ ٻيا منهنجي مٿان مچرجي پيا آهن ۽ منهنجي جان جا ويري بڻجي ويا آهن هن ٻڌايو ته مذڪورا ماڻهن گذريل رات دير سان گهر ۾ داخل ٿي اسان کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي روانا ٿي ويا. گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اين سي رپورٽ هالا ٿاڻي تي داخل هجڻ باوجود اڃا تائين ڪو به تدارڪ ناهي ٿيو هن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد. ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين اعلي اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 36

منير احمد سيال جي پانڊي مان نامعلوم چور ڏيڊ لک ماليت جون 40 ڪٽيءَ جون پوريون چوري ڪري ويا جڏهن ته درگاهه سعدي موسائي تي نامعلوم چور ميرپور ماٿيلي کان آيل زيارتي رسول بخش ڇهواڻ جيڪو پاڻي واري نلڪي تي ڪپڙا لاهي وهنجي رهيو هو ته 3 لک روپيا موبائيل فون قميص سميت کڻي ڀڄي ويو متاثر ڌرين نئون ڳوٺ ٿاڻي تي دانهن ڏني پر پوليس جي ڪن تي هن مهل تائين جوءِ به نه چري

بقايا 37

آهن. اها ڳالهه سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ جي گڏجاڻي ۾ محبتن جي عالمي ڏهاڙي ۽ مادري ٻولين جي عظمت جي مناسبت سان ناليواري شاعر سجاد ميراڻيءَ ڪئي سجاد ميراڻي چيو ته محبتن جي عالمي ڏهاڙو اسان سنگت پريالو وارا پنهنجي سنڌي ٻولي ۽ سنڌو درياءَ جي نالي ڪيون ٿا جيڪو درياءُ اسان جو جياپو آهي گڏجاڻي ۾ صدارتي خطاب ڪندي سميع سجاد چيو ته اسان سنڌي ٻوليءَ کي تڏهن جياري سگهون ٿا جڏهن اسان پنهنجن اسڪولن، گهرن دڪانن ۽ پنهنجي هر واهر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اوليت ڏيون ۽ ان کي لکون پڙهون ۽ ڳالهايون ، سنڌودرياءَ بچائڻ لاءِ به اسان سنڌي اديبن ۽ سياستدانن کي تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي ۽ وڏي جدوجهد هلائڻ گهرجي ته جيئن سنڌوءَ مان ڪينال ڪڍڻ وارو ڪتو عمل رڪجي وڃي

بقايا 38

انهن جي موت سان پيدا ٿيل خال ترت ڀرجڻ نهايت ڏکيو آهي -اهڙو اظهار سکر سماجي فورم جي جنرل سيڪريٽري سنيير صحافي ۽ شاعر مجيد نواز مغل انهن ٻنهي سنڌي شاعرن جي اوچتو وفاتن تي فورم طرفان سکر ۾ گهرايل تعزيتي ريفرنسز کي خطاب ڪندي ڪيو.هن چيو ته سنڌي شاعري شيخ اياز استاد بخاري جي موت بعد وري هڪ ڀيرو يتيم ٿي ويي آهي - انهن جو موت سنڌ جي ادبي دنيا لاءِ وڏو سانحو آهي - هن وڌيڪ چيو ته انهن ٻنهي ناليواري شاعرن نقادن ۽ دانشورن جي ڪيل ادبي خدمتون هميشا ياد رکيون وينديون.انهن جي ادبي ورثي کي سنڀالڻ ۽ ڇپائڻ لاءِ مختلف ادارا ۽ شخصيتون عملي ميدان ۾ اچن ۽ ان تي مڪمل تحقيق ڪرايي انهن جي شخصيتن ۽ ادبي لکڻين کي شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.اها ئي انهن جي لاءِ حقيقي مڃتا هوندي- سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم نظر امر لاءِ انهن ٻنهي اديبن لکيو - جنهن کي گلي گليءَ ۾ گيت بڻائي ڳاتو ويو. ان موقعي سعيد احمد زاهد گولي حفيظ همدرد ۽ ٻين پڻ انهن ٻنهي اديبن جي ادبي خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪيي. تقريب جي شروعات ۾ احترامن ٻن منٽن جي خاموشي پڻ اختيار ڪيي ويي.

بقايا 39

خان مغل گذريل رات شڪارپور جي چڪ طرف سکر جي الف ڪچي واري علائقي جو دورو ڪيو دوري دوران ڪيس شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدار جي پناهه گاهه بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن بعد ايس ايس پي سکر ڪچي ۾ وڌيڪ پوليس پڪيٽون قائم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪندي چيو ته جوابدارن جي چرپر تي ڪڙي نظر رکي وڃي ۽ داخلي خارجي رستن تي چيڪنگ واري عمل کي سخت ڪيو وڃي ترجمان موجب ايس ايس پي سکر جو وڌيڪ چوڻ هو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري اوليت ۾ شامل آهي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جلد ڪاروائي شروع ڪئي ويندي ترجمان ايس ايس پي سکر موجب سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جو ايس ايس پي سکر نوٽيس وٺندي پنجاب کان آيل زائرين کان ڏهه هزار رپيا رشوت وٺندڙ پوليس اهلڪارن شاهنواز مهيسر ۽ سڪندر ڪلهوڙو کي معطل ڪري ڪوارٽر گهاٽ ڪرائي سندن خلاف جاچ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا 40

لاءِ مقامي معززين، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کان تدارڪ جي گهر ان سلسلي ۾ نيوپنڊ ريلوي انجن شيڊ ڪالوني جي وارڊ ون جي يونين ڪائونسل نمبر 5 ۾، علائقي جي رهواسين جي هڪ گڏجاڻي نديم ابڙو جي جاءِ تي ٿي جنهن ۾ شريڪ رهواسين جو چوڻ هو ته هڪ ڊگهي عرصي کان صفائي جو ڪم نه ٿيڻ ڪري علائقو گندگي جي ورچڙهيل آهي ڪالوني جا سڀئي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ سڀني ادارن جا دروازا کڙڪايا ويندا اجلاس ۾ امير بخش، رانا رفيق، نعيم غوري، اياز آصف چانڊيو نديم ابڙو، شيرعلي ابڙو، اسد علي جمالي، رياض آرائين، عبدالجبارحق نواز غلام شبير ۽ ٻيا شرڪت ڪئي. رهواسين چيو ته اسان جي ڪالوني کي صوبائي اسيمبلي، ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنن ٽائون ڪميٽين جي انتظاميا جي چونڊيل ميمبرن اسان جي علائقي کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو آهي جنهن سبب رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم آهن اجلاس ۾ متفقه طور تي فيصلو ڪيو ويو ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي چونڊيل ميمبرن ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سان ملاقاتون ڪيون وينديون ته جيئن مسئلن کي حل ڪرائي سگهجي ۽ انهن کي درپيش مسئلن جي حل ڪرڻ جي درخواست ڪئي وڃي.

بقايا 41

متياري مان وڏو قافلو شرڪت ڪندو. سيد نور محمد شاهه خبرموجب. پي پي پي (ش.پ) اڳواڻ سيد نورمحمد شاهه متياري پريس ڪلب تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌو درياءَ مان غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌ جي زمينن جي والار خلاف پيپلزپارٽي (ش.پ) پاران 20 فيبروري تي شهيدن جي سرواڻ ڀٽو خاندان جي اصل وارث ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر جي اڳواڻي ۾ سکر ۾ ٿيندڙ احتجاج ۾ متياري ضلعي جي متياري . هالا . سعيدآباد. ڀٽ شاهه کان وڏا قافلا نڪرندا جيڪي سعيدآباد مان وڏي قافلي جي صورت ۾ پي پي ش پ اڳواڻ سيد نورمحمد شاهه جي اڳواڻي ۾ سکر روانو ٿيندو. ش پ اڳواڻ جو چوڻ هو ته پوري پاڪستان مان شهيد جا وارث شهيد ڀٽو جا قافلا سکر پهچندا ۽ 20 فيبروري تي سنڌ جي حقن خاطر تاريخي احتجاج ڪيو ويندو هن چيو ته متياري ۾ پي پي ش پ سرگرم آهي هاڻي ضلعي ۾ باقاعدي سان پارٽي جي ميمبر شپ ڪري پارٽي کي وڌيڪ منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

بقايا 42

"عاطف" المناڪ لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اڄ سنڌ هڪ انقلابي شاعر کا محروم ٿي وئي. سندس شاعري جدوجهد ۽ اميد جو عڪس هئي. هن چيو ته آڪاش انصاري جديد دور جو تمام وڏو شاعر هو ۽ نه رڳو شاعري ۾ پر عملي طور به مزاحمتي ڪردار هو سندس چوڻ هو ته آڪاش انصاري جو لاڏاڻو انتهائي افسوس جوڳو واقعو آهي. سندس وڇوڙي ادب ۾ وڏو خال پيدا ڪري ڇڏيو آهي. الله تعالي کيس جنت الفردوس نصيب ڪري ۽ سندس، خاندان توڙي سنڌ واسين کي صبر عطا فرمائي.

بقايا 43

بادشاهه جو 746 هون سالياڻو عرس جاري آهي سکر ۽ روهڙي جي وچ ۾ سنڌوءَ جي پيٽ بکر قلعي ۾ قائم ملڪ جي مشهور درگاهه سيد صدرالدين شاهه بادشاهه جو 746 هون سالياڻو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي عرس جي تقريبن ۾ سنڌ سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان هزارين زائرين شرڪت ڪري رهيا آهن زائرين جو وڏو انگ ننڍين وڏين گاڏين،ڪارين،ڪوچن ۽ مسافر ٽرينن ذريعي درگاهه پهچي رهيو آهي جڏهن ته ڪيترائي عقيدتمند پري پري کان گاڏيون پارڪ ڪري پنڌ مزار ڏانهن روان دوان آهن. مزار جي اڱڻ ۾ زائرين پاران چادرون ۽ گلن جا هارچاڙهڻ جو سلسلو جاري آهي ان سان گڏ اڱڻ ۾ دهل تي عقيدتمندن جي ڌمال پڻ جاري آهي جنهن ۾ عورتن جي به وڏي تعداد شامل آهي. زائرين پنهنجي منتن مرادن جا چڙهاوا پڻ پيش ڪري رهيا آهن جڏهن ته مزار ويجهو نيازنگر ۾ لنگر ورهائڻ جو سلسلو به جاري آهي زائرين جي وڏي انگ کي نظر ۾ رکندي ضلعي انتظاميه طرفان سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن روهڙي لينس ڊائون پل ۽ سکر بکرپل تي عام گاڏين جي اچ وڃ تي پابندي لڳائي وئي آهي ۽ پل رڳو پنڌ زائرين لاءِ کولي وئي آهي عرس جي موقعي تي پوليس جا 100 کان وڌيڪ اهلڪار ۽ آفيسر ليڊي پوليس،اسپيشل برانچ،بم ڊسپوزل اسڪواڊ ۽ صحت کاتي جا ڊاڪٽر ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف مقرر ڪيا ويا آهن درگاهه جي داخلي رستن تي مردن ۽ عورتن لاءِ الڳ الڳ واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا آهن جتان زائرين کي مڪمل تلاشي کان پوءِ اندر وڃڻ جي اجازت ڏني پئي وڃي ان کان علاوه درگاهه جي اڱڻ ۾ 29 سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويا آهن جن جي مدد سان مانيٽرنگ روم مان آفيسر زائرين تي سخت نظر رکي رهيا آهن عرس دوران زائرين جي کاڌي پيتي ۽ آرام لاءِ مختلف هنڌن تي عارضي هوٽل،اسٽال ۽ ريڙهيون لڳايون ويون آهن جتي کاڌي پيتي جون شيون وڪري لاءِ موجود آهن درگاهه جي داخلي رستن تي سنڌ جون مختلف سوغاتون پڻ رکيل آهن زائرين "علي علي"ءِ سخي لعل شهباز قلندرجا نعرا هڻي فضا کي معطر ڪري رهيا آهن

بقايا 44

محمد اسلم راجپوت جو ننڍو ڀاءُ وائرنگ جو مستري استاد راشد راجپوت گذريل ڏينهن دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن جي جنازي نماز شهر جي جنازه مسجد باقرائي ٽاور ۾ ادا ڪرڻ کان پوءِ سندس مڙه سوين اکين سان ابوبڪر قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جڏهن ته مرحوم جي جنازي نماز ۾ لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صحافين سميت مختلف مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. هوڏانهن سينئر صحافي محمد عاشق پناڻ، ايم يونس ڏيٿو محمود پناڻ، شيراز پناڻ، خان راجا مگسي، نادر ماڻري، اشفاق ساندانو ذيشان ڪوڪر محمد عظيم بروهي ۽ ٻين پاران مرحوم استاد راشد راجپوت جي تڏي تي پهچي سندس ڀاءُ حاجي محمد اسلم راجپوت، بلال راجپوت ۽ ٻين پونئرن سان تعزيت ڪري دعا گهري وئي.

بقايا 45

مري کي گرفتار ڪري ورتو ٻڌايو پيو وڃي ته سڪندر مري مسجد مان چوري ٿيل دروازو منگيا ناڪو تي ڪاٻاڙي کي وڪرو ڪري رهيو هيو ته شهرين جي اطلاع تي پوليس سڪندر مري کي گرفتار ڪري ورتو ٻڌايو پيو وڃي ته سڪندر مري مسجد مان بيٽريون گيس سلينڊر سولر پليٽون سميت شهر مان ڪيتريون ئي چوريون ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي

بقايا 46

سنگت شاخ ميرپورخاص جي مشاورتي گڏجاڻي سنگت شاخ جي سينئرميمبر۽ميرپورخاص جي پلوڙشاعرشيرمحمددلڪش لنجواڻي جي صدارت هيٺ ٿي گذري مشاورتي گڏجاڻي ۾ شامل ايجنڊائن مطابق ڪجهه اهم فيصلاڪيا ويا.ان دوران سنڌي ادبي سنگت ميرپورخاص شاخ جي ڪائونسلرامداد ڪانهيو ڳالهائيندي چيو ته سنگت جي دستوري گڏجاڻين جو تسلسل قائم رکيو وڃي ۽مستقل غيرحاضررهندڙدوستن جي عدم شرڪت خلاف سنگت جي آئين تحت قدم کڻي ڪين پابند ڪيو وڃي۽تخليقڪارنون دوستن کي پڻ گڏجاڻي ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وڃي آديٽرسينئرشاعرخالق اسير چيو ته سنگت جي دوستن کي آرٽس ڪائونسل ميرپورخاص جي پروگرامن ۾ به حصيداري وٺڻ گهرجي گڏوگڏ 6 رڪني ڪاميٽي جوڙي ضلعي انتظاميا سان ملاقات ڪري ضلعي انتظامياجي ماتحت مختلف ڪاميٽين ۾ نمائندگي حاصل ڪئي وڃي سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپورخاص جوائنٽ سيڪريٽري پارومل پريمي چيو ته ثقافت،سياحت کاتي واري صوبائي وزير سيدذوالفقار علي شاهه کان ٽائيم وٺي سائنس سندس ڳوٺ سيد خادم علي شاهه ۽ ڪراچي واري آفيس ۾ سنگت جو وفد ملاقات ڪري ڪيس ميرپورخاص جي بيمار ڏات ڌڻين جي سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ توڙي علاج جي مد ۾ انڊوومينٽ فنڊ مان مالي امداد ڏيارڻ ڪسمپرسي واري حالت ۾ زندگي گذاريندڙ ۽ ضرورتمندڏات ڌڻين جا وظيفا منظور ڪرائڻ توڙي جيڪي اديب شاعر ۽ ليکڪ پنهنجا ڪتاب ڇپائڻ جي مرحلي ۾ آهن ۽پئسا نه هئڻ ڪري ڇپرائڻ جي وسعت نه ٿا رکن انهن جاڪتاب ڇپرائڻ بابت گذارش ڪئي وڃي ڪاروباري ڪاميٽي جي ميمبرن وسايو خاصخيلي نجم الدين ڪنهرءِاڪبرلغاري چيو ته سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپورخاص جي گڏجاڻين لاءِ مستقل طور ڪنهن آفيس يا جڳهه وغيره جو اهتمام ڪرڻ نهايت ضروري آهي ۽سنگت جوسالياڻوشيڊيول ٺپرو ڪري پروگرام ترتيب ڏنا وڃن سنگت شاخ پاران گهٽ ۾ گهٽ سالياڻو چار پروگرام لازمي ڪرايا وڃن مشاورتي گڏجاڻي جي ڪاروائي سنگت سٽ جي سيڪريٽري وفا حضور بخش فضلاڻي هلائي

بقايا 47

سوسائٽي سال 2025 جي اليڪشن تعلقہ صدر تي گذري جنهن ۾ ضلع بدين جي 5 تعلقن ۾ بنا مقابلا عهديدار منتخب ٿيا جن ۾ حوالدار رٽائرڊ احمد خان صدر تعلقہ بدين , سولجرمير سڪندر علي صدر تعلقہ ماتلي ,حوالدار رٽائرڊ محمد نعيم صدر تعلقہ گولاڙچي , حوالدار رٽائرڊ محمد شريف صدر تعلقہ ٽنڊو باگو , لانس نائيڪ رٽائر غلام مصطفيٰ صدر تعلقہ تلهار چونڊيا ويا ان موقعي تي ضلع بدين جي چيف آرگنائزر ايس ايم پرويز اقبال چيو ته اسان لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ته اسان جا تعلقہ صدر بنا مقابلا چونڊجي آيا آهن سيني عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪندي اميد ڪريا ته هو تنظيم جي بهتري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا. ٻي پاسي تنظيم جي ميڊيا ڪوارڊينيٽر محمد ايوب نظاماڻي پنهنجي ضلعي مان ڪامياب ٿيندڙ تعلقہ صدرن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته ضلعي بدين تي نامزد صدر صوبيدار رٽائرڊ نور محمد خاصخيلي به اڪيلو اميدوار آهي اهو به 16 فيبروري تي ضلع صدر لاءِ ٿيندڙ اليڪشن ۾ بلامقابلا ڪامياب آهي چوته اسان جي ضلعي بدين جي غازين ۾ پنهنجي سائين لاءِ همدردي آهي پيس اليڪشن 2025 ٿيڻ کان بعد تنظيمي سرگرميون تيز ڪيون وينديون جنهن ۾ ميمبر شپ جاري رکندي ٽائون ۽ يونين ڪائونسل تائين عهديدار مقرر ڪيا ويندا

بقايا 48

حدخلين جي ور چڙهيل. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ جام ٿيڻ روز جو معمول بڻيل. شهرين طرفان احتجاج جوچتاءُ. دڙو ۾ انتظامي نااهلي سبب سڄو شهر حدخلين ۽ قبضن جي ور چڙهي ويو آهي، تازو لکين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل پنجاري پل، بس اسٽاپ، ٽيڪسي اسٽينڊ، سرڪاري اسپتال ٻنهي روڊ ۽ شهر جا ٻيا مُک ڪاروباري هنڌ حدخلين ۽ ناجائز قبضن ريڙهن جي ور چڙهيل. جڏهن ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽريفڪ جام ٿيڻ سبب اسپتالن توڙي ايمرجنسي ۾ ايندڙ ويندڙ مريض ۽ عوام سخت پريشان آهي، دڙو جي شهرين ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل هيون رائيٽس جي ڊپٽي ڊائريڪٽر امر جماڻي ميمڻ طرفان بار بار ڊپٽي ڪمشنر سجاول کي ليگل ليٽر موڪليو ويو پر اُن باوجود سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪئي وئي، ۽ ناجائز قبضا ۽ حدخليون نه هٽايون ويون. ان سلسلي ۾ وڪيل امر جماڻي ميمڻ صحافين کي ٻڌايو ته ڊي سي سجاول کي درخواستون ڏيڻ ڪانپوءِ اي سي مير پور بٺورو رشيد لوچڙ هڪ جعلي رپورٽ جمع ڪرائي، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته دڙو مان سمورا ناجائز قبضا هٽايا ويا آهن پر حقيقت ۾ دڙو شهر ۾ اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪو به آپريشن نه ٿيو آهي نه ئي ناجائز حدخليون ختم ڪيون ويون آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته اي سي بٺورو خلاف ڪاروائي لاءِ چيف سيڪريٽري سنڌ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ۽ لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون موڪليون آهن. دڙو مان ناجائز حدخليون، قبضا نه هٽايا ويا ته اينٽي انڪروچمينٽ ٽربيونل حيدرآباد ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو

نوشهروفيروز ۾ پ پ جي اڳوڻي شهيد ايم پي اي شهناز انصاري جي پنجين ورسي تقريب

شهناز صلاحيتن جي مالڪ هئي نمايا صلاحيت گهٽ انسانن ۾ هوندي آهي: سهيل اختر

هو هيٺئين ليول کان جدوجهد ڪندي ايم پي اي تائين پهتي ڪيس ڪارڪنن سان پيار هو: مسرور راڄپر

اسان سيني کي گهرجي ته شهيد شهناز جي ڏيڪاريل واٽ تي هلئون: فاطمه شهناز انصاري

نوشهرو فيروز (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع نوشهرو فيروز جي صدر ۽ اڳوٽي ايم پي اي شهيد شهناز انصاري جي 5 ورسي نوشهرو فيروز جي بينڪيوٽ ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ پ پ پ ضلعي نوشهرو فيروز جي صدر حاجي /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

نوشهروفيروز: پ پ جي اڳوڻي شهيد ايم پي اي شهناز انصاري جي ورسي جي تقريب، ٻي تصوير ۾ ذاڪر خطاب ڪري رهيو آهي

مڪلي ۾ ٺٽو تاريخ جي آئيني ۾ سيمينار، حڪومت ڪئنالن بابت سخت اسٽينڊ وٺي: سسئي پليجو

اديبن، دانشورن ۽ ليکڪن درياهه مان نڪرندڙ ڪئنال رٿا کي رد ڪري ڇڏيو

صورتحال ايندڙ وقتن ۾ وڌيڪ ڀيانڪ ٿي سگهي ٿي، پاڻي اشوز تي ڌيان ڏيڻو پوندو: ذوالفقار قادري

ڊائون اسٽريم ۾ مٺو پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري تيزي سان سمنڊ اڳتي وڌي زرخيز زمينون پائي رهيو آهي: خطاب

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ حڪومت گريٽر ٿل ڪئنال سميت سمورن ڪئنالن خلاف سخت اسٽينڊ وٺي، سنڌ اسيمبلي مان فوري طور تي سمورن ڪئنالن خلاف گڏيل قرارداد منظور ڪئي وڃي قومي اسيمبلي توڙي سينيٽ ۾ وفاقي حڪومت /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

لاڙڪاڻي ۾ ڪنگز ڪرڪيٽ ڪلب پاران ميچ کٽڻ جي خوشي ۾ تقريب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻه ڪنگز ڪرڪيٽ ڪلب طرفان شهر ۾ جاري پنجين مرحوم غلام محمد سوڊر ٽورنامينٽ دوران سيمي فائينل/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

سکر: روهڙي جا ڳوٺاڻا لاپتا نوجوان جي ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ روهڙي جي ڳوٺاڻن جو نوجوان جي ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج

خالد حسين ٽن ڏهاڙن کان گم آهي، ڳولا باوجود خبر ناهي پئجي سگهي: ڳوٺاڻا

نوجوان گونگو آهي، سندس ڳولا ۾ مدد ڪري پريشاني مان جند آجي ڪرائي وڃي: مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي لڳ ڳوٺ محمد علي شاهه جي رهواسي محمد موٺڻ پلء ۽ ٻين سکر پريس ڪلب جي سامهون گم ٿيل نوجوان خالد /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

”امن بحال ڪرايو“ ميهڙ ۾ شاگردن ۽ دڪاندارن جو احتجاجي مظاهرو

ڏوهي وارداتون وڌي ويون آهن، پوليس ڪو به تحرڪ نه پئي وٺي: سرفراز ڪوسو

ون فائيو هوندي شهري غير محفوظ بڻيل آهن: ايڊووڪيٽ رابيل پٽي

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ ۾ وڌندڙ بدامني چورين ڦرن جي واقعن خلاف شاگردن متاثر نوجوان دوڪاندار پاران ميهڙ پريس ڪلب آڏو احتجاج/ڏسو صفحو 2 بقايا 5

سنڌو درياهه تي 6 نوان ڪئنال اڏي سنڌ کي معاشي طور تباهه ڪرڻ جي برابر آهي: سگا

جيڪڏهن 6 نوان ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جون زمينون غير آباد ٿي وينديون: رفيق احمد جعفري

ڪراچي سميت وڏن شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن کي پيئڻ لاءِ پاڻي به نه ملندو: خالد حسين چنا

سمنڊ ۾ پاڻي نه وڃڻ جي ڪري ٺٽي جي ساحلي پٽي کي اڳ ۾ سمنڊ ڳڙڪائي چڪو آهي: علي حسن بروهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سگا مرڪز پاران وفاق جي ڏاڍ ۽ زبردستي سان سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنالن ڪڍڻ کي رد ڪندي چيو آهي ته وفاق /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

عدالتي فيصلو حق ۾ اچڻ تي جوابدار ڌر ٻيهر حملو ڪيو، پوليس ڪارروائي ناهي ڪئي: ٽالپر وڏا واسي

خيرپور (ڊ) خيرپور پرسان ٽالپر وڏا جي رهواسي سجاد علي خاصخيلي پنهنجي گهرواري قمر خاتون، پڦي ارشاد خاتون، رياست علي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

ميهڙ: دڪاندار ۽ شاگرد بدامني خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪمشنر نوابشاهه هڪ ڏهاڙي جي دوري تي نوشهروفيروز پهتو، سرڪاري ادارن جا دورا

شاگردن جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي: ڪمشنر نوابشاهه

شهر مان حد دخلين جي خاتمي لاءِ قدم کنيا وڃن: ڪامورن کي هدايت

نوشهروفيروز (ڊ ر) ڪمشنر شهيد بينظير آباد نديم احمد ابڙو ضلعي نوشهروفيروز جي هڪ ڏينهن جي دوري تي پهتو ڪمشنر شهيد بينظير آباد /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

لاڙڪاڻي ۾ معذور جو زرعي زمين ۽ جڳهه تي قبضي خلاف احتجاج

برادري جي چڱن مڙسن ۽ پوليس کي شڪايتون ڪيون، تدارڪ ناهي ٿيو

اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪري بيچيني ختم ڪن: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي غريب آباد واسي معذور نينگر ملڪيت تي مبينا قبضي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

ميهڙ ۾ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا ريلي

ريلي جي اڳواڻي سرويچ ناٿن شاهي، ايم خان ڪولاچي ۽ ٻين ڪئي

خانگي اسڪولن، آفيسن ۾ سنڌي ٻولي کي رائج ڪيو وڃي: سرويچ ناٿن شاهي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا ريلي، ڳوٺ صفر لاکير کان ڪولاچي تائين 6 اسڪولن صفر لاکير، ڪولاچي، دودو اوٺوال، /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

سنڌي ٻولي-قومي ٻولي
جاڳرتا ريلي

ميهڙ: سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ نڪتل جاڳرتا ريلي جو ڏيک

پاڪستان فرنٽ مومنٽ عوامي اميدن تي پورو لهندي: چيف آرگنائيزر

پاڪستان ۾ هڪ نئين سياسي پارٽي جي ضرورت هئي: غلام حيدر مري

ڪرپشن جو خاتمو پهرين ترجيح هوندو، مير لال ڏني بهتر قدم کنيو آهي: ڳالهيون

دريا خان مري (رپورٽ: مير غلام مصطفيٰ خاصخيلي) پاڪستان فرنٽ مومنٽ پاڪستان جي چيف آرگنائيزر غلام حيدر مري صحافين/ڏسو صفحو 2 بقايا 27

سماجي اداري جي ٽيم ٻاهه متاثرين وٽ پهتي، سامان تقسيم

محمد حنيف ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ٽيم ڳوٺ پير احمد شاهه جيلاني پهچي وئي

متاثرين کي ٽينٽ، بسترا، ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان مهيا ڪيو آهي: ايم حنيف ميمڻ

غلام الله (رپورٽ پيرل پياسي) ديه پليجاڻي جي ڳوٺ پير احمد شاهه جيلاڻي ۾ 2 ڏينهن اڳ ٻاهه لڳڻ سبب ڏانڌل برادري جي 10 پورهيتن جا /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

پ پ هميشه اصولن واري سياست ڪئي آهي: محمد عاقل شاهه

قيادت نوجوانن کي ذميواريون ڏئي ڪارڪنن جون دليون کٽي ورتيون آهن

ايندڙ عام چونڊون وڏي اڪثريت سان کٽي بلاول کي وزيراعظم بڻايو ويندو: خطاب

هالاڻي (اقبال گاڏهي) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سگهه ۽ طاقت اوهان ڪارڪن ۽ جيالا آهيو اسان پنهنجي چيئرمن جا ٿورائتا آهيون جنهن /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

شاعر ۽ ليکڪ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال لاڙڪاڻي ۾ مٽي ماءُ حوالي

جنازي نماز ۾ صوبائي ثقافت واري وزير ۽ ٻين شخصيتن جي شرڪت

ذوالفقار سيال مختلف بيمارين ۾ مبتلا هو، عزيزن سان تعزيت جو سلسلو جاري

باقراڻي (رپورٽ محمد عالم تنيو) سنڌ ادبي سنگت جو اڳوڻو مرڪزي سيڪريٽري، ناليوارو اديب ڊاڪٽر ذوالفقار سيال لاڏاڻو ڪري ويو، /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

پيڪا قانون خلاف سنڌ صحافي اتحاد نوشهرو فيروز پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهرين پيڪا قانون نامنظور، ڪارو قانون نامنظور، جا اُپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا

اظهار جي آزادي کي روڪڻ لاءِ پيڪا قانون آندو ويو آهي، قبول هرگز نه ڪنداسين: صحافي

صحافي قلم جي ذريعي مظلوم ماڻهن جو آواز بڻجي اعليٰ ايوانن تائين پهچائين ٿا: صدر محمد يونس راڄپر

نوشهروفيروز (ڊ ر) پيڪا قانون خلاف سنڌ صحافي اتحاد نوشهرو فيروز پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ پوري /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

آزاد صحافت زنده آباد
ڪارو قانون پيڪا قانون ختم ڪريو
آزادي تي پابندي نا منظور
صحافي اتحاد ضلع نوشهروفيروز
آزاد صحافت زنده آباد
پيڪا قانون مرده آباد

نوشهروفيروز: پيڪا ايڪٽ خلاف صحافي بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي رهيا آهن

جي يو آءِ پاران اتر سنڌ ۾ امن امان جي حوالي سان ايندڙ هفتي ڌرڻن جو اعلان

غوثپور (ن پ ڪ) سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف ۽ اتر سنڌ ۾ خاص ڪري ڪشمور شڪارپور /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

آل پاڪستان هاڪي ٽورنامينٽ: صادق آباد جي ٽيم فائنل لاءِ ڪواليفا ڪري ورتو

خيرپور (ڊ) آل پاڪستان هاڪي ٽورنامينٽ ۾ شاندار /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

ايم اين وي ڏرين چنڊڻ جا دروازا نه کليا، فريد آباد ۾ آبادگار سراپا احتجاج

آبادگارن علي نواز خاصخيلي، محب علي چانڊيئي جي اڳواڻي ۾ ڇهين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو

ڪاڇي ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري ڪٽڪ سڪي سڙي ۽ آبادگارن ۽ هارين جو معاشي قتلام ٿي رهيو آهي: علي نواز خاصخيلي

آفيسر رشوت عيوض چنڊڻ جا دروازا کولي ڪمائي جو ذريعو بڻايو ويٺا آهن: محب علي چانڊيو ۽ ٻيا

فريدآباد (رپورٽر: سڪندر علي بروهي) فريدآباد ۾ ڪٽڪ سڪائڻ بند ڪريو- ايم اين وي ڏرين چنڊڻ جا دروازا بند نه ٿيڻ خلاف ڪاڇي جي هارين /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

ٺٽي جي ساڃاهه وندن پاران آڪاش انصاري جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ جي مزاحمتي اڳواڻ اختر بلوچ، اڳوڻي ايم پي اي غلام قادر پليجو اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو سنڌ جي ناليواري عوامي، /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

مٽياري: هالا واسڻ مڙس سان گڏ برادري جي بااثرن خلاف دانهني رهي آهي

مٽياري ۾ امن پسند سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

پاڪستان آرمي اسان جي سرحدن جي محافظ آهي: ممتاز شيخ

ڪي پي حڪومت ڄاڻي واڻي ادارن خلاف واويلا ڪري رهي آهي: احسان ۽ ٻيا

مٽياري (رپورٽ: شهمير ميمڻ) امن پسند سول سوسائٽيءَ جي طرفان ڪي پي ڪي حڪومت پاران پاڪ آرمي جي خلاف پروپيگنڊا /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

هالا واسڻ جو مڙس سميت برادري جي بااثر خلاف احتجاج

ڏيءَ جو رشتو ڏارين ۾ ڏيڻ تي مڇرجي پيا آهن: مسمات شبانه ملاڻو

جوابدار ڌر گهر ۾ داخل ٿي سخت تشدد پڻ ڪيو، تدارڪ ڪيو وڃي

مٽياري (رپورٽ: شهمير ميمڻ) هالا جي ريلوي ڪالوني جي رهواسي عورت پاران پنهنجي برادري /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

نئون ڳوٺ پرسان واپاري منير احمد سيال جي گدام مان 40 کٽي جون ٻورين چوري

نئون ڳوٺ (رپورٽر) نئون ڳوٺ باءِ پاس روڊ تي واپاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

ڪتاب ئي ٻوليءَ کي جيارن ٿا، ڪتاب ئي آهن جيڪي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءُ جو ذريعو آهن: سجاد ميراڻي

خيرپور (ڊ) ڪتاب ئي ٻوليءَ کي جيارن ٿا، ڪتاب ئي آهن جيڪي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءُ جو ذريعو /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

آڪاش ۽ ذوالفقار جي وڇوڙي سان سنڌي شاعري يتيم بڻجي وئي آهي: مجيد نواز مغل

سکر (بيوروريورٽ) سنڌي شاعري جي آڪاش تي جهرڪندڙ چنڊن آڪاش انصاري ۽ ذوالفقار سيال اسان کان هميشا هميشا لاءِ وڇڙي ويا آهن- /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

ايس ايس پي سکر پاران الف ڪچي جو دورو، بريفنگ

ڪچي ۾ وڌيڪ پوليس پڪٽون قائم ڪرڻ جون هدايتون

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جلد ڪاروائي شروع ڪئي ويندي: اظهر خان مغل

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل ڪچي جو دورو ڪيو ترجمان ايس ايس پي سکر موجب ايس ايس پي سکر اظهر /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

سکر: ايس ايس پي کي ڪچي جي دوري دوران عملدار بريفنگ ڏئي رهيو آهي

جماعت اسلامي سنڌ جي امير جي اڳواڻي ۾ وفد پاران ڌرڻي واري هنڌ جو دورو، انتظامن جو معائنو

جماعت اسلامي پاران بدامني خلاف اڄ شڪارپور انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو، تياريون مڪمل

ڌرڻي ۾ مختلف سياسي، مذهبي، قومپرست جماعتن جا اڳواڻ، وڪيل، صحافي، اقليتي برادري شرڪت ڪندي

ڌرڻي ۾ سنڌ ۾ امن امان جي بحالي ۽ ڌاڙيل راڄ جي خاتمي لاءِ اڳتي جو لائحہ عمل پڻ جوڙيو ويندو: مجاهد چنا

شڪارپور (رپورٽ امتياز علي مري) جماعت اسلامي پاران اتر سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، اغوا، ڌاڙن، ڌاڙيل راڄ ۽ قبيلائي جهيڙن خلاف ”بحالي امن ايڪشن ڪميٽي“ تحت اڄ 16 فيبروري آچر تي شڪارپور انڊس هاءِ وي ڪندن هوٽل /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

شڪارپور: جماعت اسلامي سنڌ جو امير ڌرڻي واري هنڌ جو دورو ڪري رهيو آهي

گوسڙو استادن خلاف هر صورت ڪارروائي ڪئي وڃي: اي ڊي سي ون

ڪاشف رضا منگي جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ تعليم متعلق اهم گڏجاڻي

نون استادن جي ڀرتي جو فائدو وٺندي بند پيل اسڪول کوليا وڃن: گڏجاڻي ۾ هدايتون

بدين (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ تعليم /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

لاڙڪاڻي ۾ روينيو ملازمن جي اي ايس پي سٽي خلاف ريلي، نعريبازي

ملازمن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي، فهيم الله رند جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

تعارف ڪرائڻ باوجود اي ايس پي منهنجي گاڏي کي بيهاري ڪار ۽ منهنجي کيسن جي تلاشي ورتي: فهيم الله رند

هڪ به نه ٻڌي ۽ مونسان غيراخلاقي ٻولي استعمال ڪئي، اختياريون نوٽيس وٺي انصاف ڪن: مطالبو

17 ۽ 18 فيبروري تي ڪم ڇڏ هڙتال ۽ 24 فيبروري تي حيدرآباد باءِ پاس تي ڌرڻي جو اعلان

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ روينيو کاتي جي ملازمن طرفان اي ايس پي سٽي جي مبينا ناجائزين خلاف مختيارڪار آفيس وٽان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو، جتي هنن ٻانهن تي ڪاريون /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

لعل شهباز قلندر جي عرس جون تياريون مڪمل، سنڌ سرڪار پاران 19 فيبروري تي عام موڪل جو اعلان

ڄامشورو ضلعي انتظاميه پاران پڻ 17 فيبروري تي ضلعي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو

گورنر سنڌ، محمد ڪامران ٽيسوري ٽن ڏينهن وارين عرس مبارڪ جي تقريبن جو افتتاح ڪندو

مراد علي شاهه عرس مبارڪ جي ٽئين ڏينهن مزار تي چادر چاڙهي ٽن ڏينهن واري تقريبن جو اختتام ڪندو

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ جي عظيم صوفيءَ بزرگ حضرت لعل شهباز قلندر جو 773 هون عرس مبارڪ 17 فيبروري سومر تي شروع ٿيندو، ملڪ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

راندين وارو صوبائي وزير ملاکڙي جو افتتاح ڪندو

ٽي ڏينهن تائين ملاکڙا گرائونڊ سيوهڻ ۾ جاري رهندو

عرس تي سگهڙن جي ڪچهري، ادبي ڪانفرنس، دستڪاريءَ جي نمائش به ٿيندي

سيوهڻ: سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن وارو وزير، محمد بخش خان مهر ٽن ڏينهن واري ثقافتي مقابلي ملاکڙي جو افتتاح ڪندو، /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

سيڪيورٽي لاءِ 5 هزار اهلڪار مقرر ڪيا آهن: ايس ايس پي ڄامشورو

رينجرز ۽ سادي لباس ۾ اهلڪارن جي مدد ورتي وئي آهي: ايم ظفر صديق ڇانگا

ڪنٽرول روم سرگرمين کي ريئل ٽائم ۾ مانيٽر ڪيو ويندو: صحافين سان ڳالهيون

سيوهڻ: ايس ايس پي ڄامشورو، محمد ظفر صديق ڇانگا، مطابق 5 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪارن سميت رينجرز ۽ سادي لباس ۾ اهلڪارن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

مختلف شعبن ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ تي شهباز ايوارڊ ورهايا ويندا

سيوهڻ: عرس مبارڪ جي ٽئين ڏينهن رات جو شهباز آڊيٽوريم /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

عرس تي 32 ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون ويون آهن: ايم ايس عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ

سيوهڻ: صحت ۽ صفائي جا انتظام ڄامشورو جي صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ ۽ سيد عبدالله شاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

فائر برگيڊ جي گاڏين جي مرمت ڪري فعال بڻايو ويو آهي: ڪامورو

سيوهڻ: لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ کي سيوهڻ شهر جي صفائي ۽ صحت کي يقيني بڻائڻ جي هدايت /ڏسو صفحو 2 بقايا 16



سڄي سنڌ بدامني جي لپيٽ ۾ آهي: سعود افضل هاليجوي

سنڌ سرڪار عوام کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام رهي آهي

قبائلي تڪرارن جي ڪري ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي چڪو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) جي يو آءِ جي مرڪزي اڳواڻ مفتي سعود افضل هاليجوي چيو آهي ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي سکر /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

رائيپور لڳ حادثي تي ڏک پهتو، فوتين جي وارثن جي مدد ڪبي: اويس قادر شاهه

ڊرائيور گاڏي هلائڻ وقت تيز رفتاريءَ کان پاسو ڪن، انساني جانيون قيمتي آهن

قلندر شهباز جا پانڌيئڙا اسان جا مهمان آهن، ڪين اڪيلو نه ڇڏبو: سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر

سکر (بيوروپورٽ) اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه رائيپور لڳ ٽيل روڊ حادثي تي افسوس جو اظهار ڪندي انتظاميه کي هدايت /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

پٽ شاهه ۾ جشن ولادت امام مهدي عليه السلام سلسلي ۾ تقريب، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ذوالفقار سومرو ۽ وقار سومرو جي ميزباني هيٺ جشن ولادت تقريب ٿي

لوڪ فنڪار بشير احمد مڱڻهار قصيده پيش ڪري ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو

پٽ شاهه (رپورٽر) پٽ شاهه ۾ جشن ولادت حضرت امام محمد مهدي عليه السلام جي سلسلي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، ذوالفقار علي سومرو ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

پٽ شاهه: جشن ولادت امام مهدي عليه السلام جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ پي ايس ٽي جو بدامني خلاف ميڙاڪو

شهر سميت آسپاس جي علائقن ۾ بدامني انتهائي وڌي وئي آهي: علي نواز قاسمي

قانون لاڳو ڪندڙ ادارا امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن: محمد علي قادري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان سني تحريڪ طرفان وڌندڙ بدامني خلاف شهر جي جامع مسجد گلستان مدينه مينهل آباد /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

يوم مادر وطن 24 فيبروري تي ملهايو ويندو: ايم علي شيخ

يوم مادر وطن سنڌ سان يڪجهتي طور هر سال ملهايو ويندو آهي

سنڌ سان ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا وڃن: ايس ٽي پي اڳواڻ

سکر (بيوروريورٽ) يوم مادري وطن 24 فيبروري 2025 تي سمورن وطن پرست سنڌ دوست ۽ انسان دوست ڌرين جي اڳواڻن ڪارڪنن ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

تعليم کاتي طرفان سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ سائنسي نمائش

اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر قلپوٽو سائنسي نمائش جو افتتاح ڪيو

شاگردن ۽ شاگرديائڻين 40 مختلف پروجيڪٽس ٺاهي نمائش ۾ پيش ڪيا

خيرپور (ڊ) سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي طرفان سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ سائنسي نمائش جو سلسلو جاري آهي. اسسٽنٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

لاڙڪاڻي ۾ ساس جي گڏجاڻي، ٻولي کي بچائڻ جو وچن

شاهه لطيف پنهنجي دور ۾ شاعري جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي بچايو

سرڪاري سرپرستي نه هجڻ باوجود به سنڌي ٻولي آرٽيفشل انٽيليجنس جو حصو آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي پاران ”سڀ محبتون سنڌي ٻوليءَ جي نانءِ“ جي عنوان سان شاعر ۽ اديب اوشاق /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

نيو پنڊ سکر ريلوي انجن شيڊ ڪالوني مسئلن جو ڳڙهه بڻجي ويو

روڊ تباهه حال، نيڪال جو نظام مفلوج، رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم

هڪ ڊگهي عرصي کان صفائي جو ڪم نه ٿيڻ ڪري علائقو گندگي جي ورچڙهيل آهي: علائقي واسي

قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کان تدارڪ جي گهر

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) نيو پنڊ ريلوي انجن شيڊ ڪالوني مسئلن جو ڳڙهه بڻجي ويو روڊ تباهه حال، نيڪال جو نظام مفلوج، رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم، مسئلن جي حل /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

مٽياري: پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪئنالن خلاف سکر ۾ ٿيندڙ احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪبي: نور محمد شاهه

20 فيبروري تي سنڌ جي حقن خاطر تاريخي احتجاج ڪيو ويندو

پارٽي جي ميمبر شپ ڪري پارٽي کي وڌيڪ منظم ڪيو پيو وڃي

مٽياري (رپورٽ: شهمير ميمڻ) سنڌو تي غير قانوني ڪئنال اڏڻ ۽ سنڌ جي زمينن تي والار خلاف پي پي ش ڀ پاران سکر ۾ ٿيندڙ احتجاج ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

سنڌي ادبي بورڊ چيئرمن پاران آڪاش انصاري جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

آڪاش انصاري جديد دور جو تمام وڏو شاعر هو: مخدوم سعيد الزمان

وڇوڙي ادب ۾ وڏو خال پيدا ڪري ڇڏيو آهي، ڀرجي نه سگهندو: تعزيتي بيان

ڄامشورو (پ ر) سنڌي ٻوليءَ جي ناميارو شاعر آڪاش انصاري جي افسوسناڪ لاڏاڻي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن مخدوم سعيد الزمان /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

صدرالدين شاهه بادشاهه جي عرس مبارڪ جون تقريبون جاري، سيڪورٽي سخت

زائرين جي وڏي انگ کي نظر ۾ رکندي انتظاميا طرفان سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا

انتظاميا روهڙي لينس ڊائون پل ۽ سکر بکرپل تي عام گاڏين جي اچ وڃ تي پابندي لڳائي ڇڏي

درگاهه جي داخلي رستن تي مردن ۽ عورتن لاءِ الڳ الڳ واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا آهن: انتظاميا

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) درگاهه سيد صدرالدين شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

لاڙڪاڻي جي سينيئر ڪئمرامين ايم اسلم جونيجو ياءُ دل بيهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي سينيئر ڪيمرامين حاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

ڪوٽ لالو پوليس جي ڪارروائي، مسجد مان چوري ٿيل دروازو هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

دريا خان مري (رپورٽر) دريا خان مري جي وارڊ نمبر هڪ مگسي محلہ جي مسجد مان چوري ٿيل دروازو ڪوٽ لالو پوليس هٿ ڪري جوابدار سڪندر /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

ساس ميرپور خاص جي گڏجاڻي، اهم فيصلا ڪيا ويا

سنگت جي دستوري گڏجاڻين جو تسلسل قائم رکيو وڃي: امداد ڪانهيو

سنگت جو ساليانو شيڊول پڌرو ڪري پروگرام ترتيب ڏنا وڃن

ميرپورخاص (رپورٽ گل محمد سولنگي) سنڌي ادبي /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

ماتلي ۾ پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽي جي چونڊ

بدين ضلعي جي پنجن ئي تعلقن لاءِ عهديدار چونڊيا ويا

ماتلي (ن.پاڪ) ماتلي پاڪستان جي آرمي فورسز مان تمام عهدن تان رٽائرڊ ٿيل غازين جي گڏيل رجسٽرڊ تنظيم پاڪستان ايڪس سروس مين /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

دڙو ۾ انتظامي رٽ ختم، شهر ۾ قبضا مافيا جو راڄ، عدالتي حڪم به نظرانداز

پنجاري پل، بس اسٽاپ، ٽيڪسي اسٽينڊ، سرڪاري اسپتال ڀنون روڊ سميت سڄو شهر حدخلين جي ورچڙهيل

ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ جام ٿيڻ روز جو معمول بڻيل، مسافر عذاب ڀوڳڻ تي مجبور بڻيل

ناجائز حدخلين، قبضا نه هٽايا ويا ته اينٽي انڪروچمينٽ ٽريبونل حيدرآباد ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو: امر جماڻي

دڙو (ن پاڪ) دڙو ۾ انتظامي رٽ ختم..!! شهر ۾ قبضا مافيا جو راڄ...!! سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي حڪمن تي عمل نه ٿيو، دڙو جي پنجاري پل، بس اسٽاپ، ٽيڪسي اسٽينڊ، سرڪاري اسپتال ڀنون روڊ سميت سڄو شهر /ڏسو صفحو 3 بقايا 48

دڙو: شهر ۾ غيرقانوني والار ۽ حد دخلين خلاف روڊن تي ٽريفڪ جام نظر اچي رهي آهي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي